چونڊ سنڌي شاعرائن جي
چونڊ شاعري

چونڊ سنڌي شاعرائن جي چونڊ شاعري I

سٽاءُ

ظفر عباسي

هالار پبليڪيشنز
سول لائينز، حيدرآباد، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو	: چونڊ سنڌي شاعرائن جي چونڊ شاعري-I
سنڀاءُ	: ظفر عباسي
موضوع/صنف	: شاعري
تعداد	: ٻہ هزار
ڇاپو	: پهريون
سال	: 2002
ڪمپوزنگ	: شهباز علي ميمڻ
ڇپائيندڙ	: هالار پبليڪيشن، سول لائينز، حيدرآباد

قيمت: =/80

هالار پبليڪيشنز

سول لائينز، حيدرآباد، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ

● فهميده شرف بلوچ ——— 5
● جانب ناز غوري ——— 16
● فضہ غزل ——— 27
● نسرين سيد ——— 38
● ساجده جبين ——— 49
● بينظير عادل سخيراڻي ——— 60
● جهان آرا بتول ——— 71
● ايس ڪي ڪورائي ——— 82
● عائشہ مسرت ——— 93
● امينہ ناز پٺي ——— 104
● آرزو عباسي ——— 115
● خاموش جنت گل هاليپوٽو ——— 126
● ساجده چانديو ——— 137
● ايس نسيم ميمڻ ——— 148
● زاهده گل سومرو ——— 159
● مهڪ جوڳي ——— 170
● زرينہ امداد سومرو ——— 181
● سوسن گل بلوچ ——— 192
● ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو ——— 203
● ناهيد خان ——— 214

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ آءُ ٻه چوان...

سنڌي ادب ۾ شاعرن جو هڪ تمام وڏو انگ پنهنجي ذهني ۽ تخليقي سگهه آهر سنڌي ادب ۾ پنهنجو پاڻ پتوڙي رهيو آهي. ماهوار هالار ڊائجسٽ کي اهو ٻه ڪريڊٽ حاصل آهي ته ان سنڌي ادب ۾ شاعرائن جي انگ ۾ ٻه نمايان اضافو آندو آهي. سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت جو هيءُ پهريون مجموعو آهي جنهن ۾ موجوده ٿهي جي 20 تخليقي حوالي سان سگهارين شاعرائن جا چونڊ ڏهه ڏهه غزل سنڌن تعارف سان گڏ شايع ڪيا پيا وڃن ته جيئن پڙهندڙن کي سنڌن تخليقي صلاحيتن جو ڪاتو لڳائڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي.

"چونڊ سنڌي شاعرائن جي چونڊ شاعري" جي اعلان کان پوءِ اسان کي تمام وڏي انگ ۾ ڀينرن جي شاعري پهتي پر انهن ۾ آزاد نظمن، چوسٽن ۽ ٽيڙن جي تمام گهڻي اڪثريت هئي. جنهن کان پوءِ اهو طئه ڪيو ويو ته جن ٻه ڀينرن جا 10 غزل چونڊيا ويا آهن، انهن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ باقي ڀيڻن کي ٻه پنهنجا غزل موڪلڻ لاءِ گذارش ڪئي وڃي ته جيئن انهن کي "چونڊ سنڌي شاعرائن جي چونڊ شاعري II" ۾ شامل ڪري سگهجي.

"چونڊ سنڌي شاعرائن جي چونڊ شاعري I" جي اعلان کان پوءِ سنڌ جي لاتعداد ڀائرن ٻه پنهنجي شاعري هن مجموعي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ نه رڳو موڪلي آهي بلڪ لڳاتار موڪليندا رهن ٿا ۽ شايع ڪرڻ کان انڪار بعد انهن ڀائرن پنهنجا نالا مٽائي شاعري موڪلڻ شروع ڪئي آهي. اسان تمام وڏي ڪوشش ڪئي آهي ته اهڙن شاعر ن جي شاعريءَ جي اشاعت کي روڪيو وڃي. ان ۾ اسان کي اوهان پڙهندڙن ۽ لکندڙ ڀائرن ۽ ڀينرن جيڀرپور ساٿ جي ضرورت هر وقت رهندي.

"چونڊ سنڌي شاعرائن جي چونڊ شاعري I" جي ڪاميابيءَ کي مدنظر رکندي، هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو ايتروئي جلد شايع ڪيو ويندو ان ڪري هڪ دفعو وري سنڌ جي سگهاري سوچ رکندڙ شاعرائن کي پنهنجا گهٽ ۾ گهٽ 15 غزل، ٻه تصويرون، تعارف ۽ ايڊريس سميت ترت موڪلڻ جي ڪوٺ ڏجي ٿي.

اسان کي اميد آهي ته اسان جي محنت سان سجايل 20 شاعرائن جي شاعريءَ جو هيءَ گڏيل مجموعو نه رڳو اوهان کي پسند ايندو، بلڪ انهن شاعرائن لاءِ همت افزائيءَ جو جواز بنبو ۽ خود سنڌي ادب ۾ ٻه پنهنجي نمايان جاءِ والاريندو.

اوهان جو پرخلوص

ظفر عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهميده شرف بلوچ



پورو نالو: فهميده (فمي)

والد جو نالو: شرف الدين بلوچ

سالگره ڏڻ: 7 اپريل

جنم هنڌ: پير جوڳوٺ ضلعو خيرپور ميرس

تعليم: ايم.اي سنڌي ادب، بي-ايڊ

روزگار/ ڪرت: في الحال بيروزگار

وندر: ميوزڪ ٻڌڻ، ڪتاب پڙهڻ، پرت پرڻ، خط لکڻ ۽ ننڊ ڪرڻ.

اوهان جو پسنديده ڪتاب: چاند پکراج ڪا پسنديده صنف: هر صنف خاص ڪري هائيڪو

پسنديده ليکڪ: امرتا پريتم، موهن ڪلپنا ۽ نئين ٽهيءَ جو هر سٺو لکندڙ

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1988 باقاعده 1992

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: پنهنجي اڪيلائين کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (40) مضمون چند ڊائري تمام گهڻ ٻيون ادبي خط

شاعري: غزل لاتعداد گيت لاتعداد وايون لاتعداد ٻيون پنج ڪڙا، ڏيڍ سٽا

ڪافي، سانيٽ، هائيڪا، ٽه سٽا، پابند نظم، آزاد نظم، نثري نظم.

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب:

	ڪتاب جو نالو	صنف
(1)	انجلي	شاعري
(2)	تون ڪٿي آهين!!؟	ڪهاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

درد ڪيڏو اندر تي اثر نہ ڪري،
قول جهڙين دلين کي ٻتر تو ڪري.

ڪا نہ گهرجي انهيءَ کي ڪتي، ٻي پناهہ،
ڪنهن جي ٻيٽن ۾ ڪو جي گهر تو ڪري.

ڪير تهڪن جي پويان ڏسي لڙڪ تو،
ڪير ڇاڻي! هو ڪيڏو سفر تو ڪري؟.

پوءِ ڪيڏا اندر ۾ جلن ديپ تا،
هڪ دفعو جي ڪٿي هو نظر تو ڪري.

هو ٻُهيلو ڏسي ڪيڏا سپنا وڏا،
پنهنجي جيون کي ڇالئہ زهر تو ڪري؟.

هوبہ ڪيڏو عجب جهڙو هڪ شخص آ،
لوڪ جي ظلم کي درگذر تو ڪري.

هن جي پويان، وڇوڙي جا ڇيڙي قصا،
مونکي مايوس ڇو هي شهر تو ڪري.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پرين! تنهنجون يادون جڏهن ٿيون پون،
تي مرڪي هوا، رقص بادل تا ڪن.

اچي ياد تو وقت گذريل جڏهن،
سوين عڪس دل تي تري تا اچن.

سوا تنهنجي سپنا خوشيون، محفلون،
سيئي ساهه کي اوپرا تا لڳن.

ضدي سايائون نه رڪبيون ڪڏهن،
پنيان، خواب ڪيڏا به سڏڪا پرن.

ڪٿن چنڊ تا رات جي سانت ۾،
جڏهن گيت سندر تا شاعر لکن.

جڏهن پيار پوتر اربيو تڏهن،
نظارا اسان ڏي تا مرڪي ڏسن.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

امـــــاس راتيـــــون اداس رســـــا،
ونـــس تـــا يـــادن جـــو واس رســـا.

پريـــن سنيالي پـــوءِ پيـــر رکجـــو،
اســان جـــي دل جــا حســـاس رســـتا.

سمـــــورو جيـــون اجـــاڙ بـــــن آ،
ڪتـــي اچـــن تـــا هـــي راس رســـتا.

ڦـــري تـــو سوچون سـفر اسـان کـــان،
پٺـــن تـــا پيـــرن جـــو مـــاس رســـتا.

ڪـــڏهن تـــہ ايندين پريـــن اســـان وٽ،
رکـــن تـــا تومـــان کـــي آس رســـتا.

نصيـــب پنهنجـــو ســـدا نـــہ رهنـــدو،
لٿيـــل، ڦٽيـــل ءِ نـــراس رســـتا.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪنهن ڪي ڏيئي تو چنڊ اشارا ساري رات،
روز سڏن ٿا اپ تان ستارا ساري رات.

لفظ سمورا ڇڻ ته نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا،
پٽڪيا سپنا اڄ ويچارا ساري رات.

چندرما تي عڪس ڏٺو پئي پاڻيءَ ۾،
مرڪيا بيٺي ڏور ڪنارا ساري رات.

تنهنجي راهه تڪيندي هن بي چين ٿيا،
منهنجي گهرڙي ايندڙ چارا ساري رات.

ڇواٽڪيا پئي دشمن وانگي هو بيٺي،
هڪ جهڳي ۾ بيو هي پارا ساري رات.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اڏاڻــا پکــي ۽ لــڏي لام وئــي،
پريــن! تــون نــہ آئيــن رسـي شــام وئــي.

پريان کنهن ڪکر ۾ لڪي چنڊ ويو،
چـڻــي چـاندني ڏيئــي پيغــام وئــي.

محبـت جـڏي عڪـس ڪـي دل مٿــان،
اکيــن منجهــہ اوتــي سـوين جـام وئــي.

جـــڏي پـــونءِ اڏري وئـــي اپ ڏي،
آ هڪــڙي حيــاتي تــي گمنــام وئــي.

پرين پيـار تنهنجـو هئـو مينهـن جيـان،
منـا! يـاد تنهنجـي تـي انعـام وئــي.

زمـاني کـي آچيـا مـون سـپ خواب تـہ بـہ،
جـو هـر آس مـون لئـہ تـي الـزام وئـي.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جـڏهن پـي ڪوئـي يـاد آيـو اتـم،
روئـي پـاند پنهنجـو پسـايو اتـم.

رهي هـو بـ هيڪـل ويـا ڪـل تـو پيـو،
ائيـن رات تـارن ٻڌايـو اتـم.

اکيـن مـان تيـو درد ظـاهر پـوي،
ڪٽـي ڪيتـرو پـي لنوايـو اتـم.

نچوئـي سمـورو ڪـڍي پنهنجـو رت،
ڏيئـو هڪـڙو تولئـ جلايـو اتـم.

سـڪي! پـونءِ جي پيـار ۽ سـونهن جـو،
ڪتـي قـرض پـورو چڪـايو اتـم؟!

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

رڪجي جي سگهي رات تہ آءٌ روڪيانس،
سڏڪي جي پٺي سانت تہ آءٌ روڪيانس.

وس منهنجي هجي ڪاش! پرين مان تنهنجي،
وڏندي جي وجي تات تہ آءٌ روڪيانس.

جي خواب ڪسي ڪنهن ڪان ۽ لڙڪن ۾ لوڙهي،
ڪنهن رات جي پرڀات تہ آءٌ روڪيانس.

من ڪنهن جو رنجائي جي گهڙي هڪڙي پي،
هن پوڻ تي برسات تہ آءٌ روڪيانس.

اي منهنجا قلم! مون کي قسم آ تنهنجو،
وڪڻ جو لڳي ذات تہ آءٌ روڪيانس.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيتـرو پـوءِ پيـار مـان مرڪـي تـي موسـم،
جي هجـي تـو سـاڻ مـون سـان منهنجـو پريتـم.

ويـا چـڏي هـن سـات منهنجـو لڙڪ سـارا،
بانسـريون ڳـائن نـہ تيـون سـورن جـا سـرگم.

جهـول مرڪـن سـان پريـن! تنهنجـي يـري مـون،
خـواب نيـڻـن جـا ڪـدي سـي توڪـي اربيـم.

منهنجـو جيـون هـونءَ تـہ آ ويـران صحـرا،
پيـار تنهنجـو تنهـن متـان ياسـي تـو آگم.

اڄ وڇـوڙو آ تـہ ڇـا هـي بئـي جنـم ۾،
آءُ خوشـبو بنجـي تنهنجـي لاءِ اينـدم.

يـاد توڪـي جـي ڪـري روئـي پـوان تـي،
واءُ مرڪـي تـو اگهـي پيـو نيـڻ پـرنم.

تـون ملئيـن جـيءَ کـي سـرور ايـڏو مليـو جـو،
هـاڻ مـون وٽ ڪونـہ آهـي ڪوئـي بـي غـم.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هي سنسار سارو ڏسان مان اکين ۾.
ڇڏي ڏيهه سارو اچان مان اکين ۾.

سڄي رات ڏيئا ڪري ڏات ٻاريم،
سڄي رات وسمان، ٻران مان اکين ۾.

جڏهن ڪان هو وڇڙي ويو مون ڪان سرتيون،
تڏهن آس دل جي رسا مان اکين ۾.

سڄو ڏيهه هاڻي ڏکائي تو ڪيڏو،
ڇڏي ڏيهه سارو لڪان مان اکين ۾.

متان پوءِ ٻيهر لهي ڪوئي ڳولهي،
تڏهن پاڻ پئي تي ڍڪيان مان اکين ۾.

اکين خواب هڪڙو ڏنو آ ملڻ جو،
اهو خواب هڪ تي رکان مان اکين ۾.

پري ڪين هڪ پل ٻه توکان ٿيان مان،
سڄي عمر تنهنجي هجان مان اکين ۾.

پرين! ياد تنهنجي ۾ هڪ درد بنجي،
تي ڪنهن لڙڪ وانگر رلان مان اکين ۾.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اڄـــي صبـــح ســـان ســـويلو پريـــن،
ڪٿـــي تـــو ڏســـي درد ويلـــو پريـــن.

رڱـــو ٿهڪـــڙا، ڪيـــڏي محفـــل متـــل،
مـــگر ســـاهه منهنجـــو اڪيلـــو پريـــن.

ائيـــن مـــن ۾ يـــادون ڦٽيـــون هـــن جيئـــن،
ســـنڌوءَ جـــي ڪنـــاري ڪـــو ٻيلـــو پريـــن.

آ جيـــون جيئـــن گهر تيـــل ٻـــار لئـــه،
لتـــل منهـــن ۾ ويـــران ميلـــو پريـــن.

لڙيـــو ســـج ســـاجن، نـــه وڃ تـــون هتـــان،
ٿيـــو وقـــت ڪيـــڏو اويلـــو پريـــن.

فهميده شرف بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانب ناز غوري

پورو نالو: جانب غوري

والد جو نالو: جان محمد غوري

سالگره ڏڻ: 6 مارچ

جنم هنڌ: درگاهه نيوازو شريف تعلقو سوڀوديرو

تعليم: ايم ڪام، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور

روزگار/ ڪرت: بيروزگار

وندر: ريڊيو پاڪستان خيرپور تي ڪمپيرنگ ڪرڻ، ڪتاب پڙهڻ، سٺي موسيقي ٻڌڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: گهٽا آهن پسنديده صنف: شاعريءَ ۾ غزل

پسنديده ليکڪ/ليکڪا: جيڪو به سٺو لکي

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1997 کان ڪنهن کان متاثر ٿي

لکيو: محترم ادل سومرو کان متاثر ٿي لکيو "سمنڊ جاڳي ٿو" پڙهي.

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (10) مضمون (25) ڪالم (50) ٻيون پروگرامن لاءِ اسڪرپٽ لکڻ

شاعري: غزل (327) گيت (2) وايون (170) نظم (36) چوسٽا (60)

ٻيون: هائيڪو 80 نثري نظم 200، ريڊيو تي گيتن ٻريون ڪهاڻيون به لکيون آهن.

شايع ٿيل ڪتاب:

ڪتاب جو نالو	صنف	سال	پبليڪيشن
اکين جي شهر ۾	شاعري	2002	غزل پبليڪيشن

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اهي نيڻ منهنجا سفر ۾ ٿڪيا هن!
ستل ڪيئي جذبا اندر ۾ ٿڪيا هن!

هو، رستا، هونديون ۽ مينگهه ملهارون،
رهيل سارا منظر، نظر ۾ ٿڪيا هن!

سيئي ساٿي تنهنجا هت، هت وتن ٿا،
منهنجا پير نازڪ ته، گهر ۾ ٿڪيا هن!

هو سوچن تي پهرا ۽ سپنا ويڳاڻا،
سي رات پوئين پهر ۾ ٿڪيا هن!

بن بن ٿا ڀٽڪون، ٿا نيڪو رهون پر
مجنون هي ڪهڙا؟ شهر ۾ ٿڪيا هن!

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پــن چــڻ ۾ بهــار تــي ٻُولــي،
دل اهـــڙو سنســار تـــي ٻُولـــي

هـــن جـــي ويـــران نيٽـــن ۾،
ســرتي منهنجــي پيــار تــي ٻُولــي

ســانوڻ رت ۾ اڄ بـــ هـــوءِ،
ســاجن جـــو ديـــدار تـــي ٻُولـــي

هـــو تـــه ٻولـــڻ ڄـــاڻي ئـــي نــه!
گونـگن كـان اظهــار تــي ٻُولــي

ڳالهـــ مٿـــڻ تـــه ٻهـــانو اتـــس!
لفظـــن مـــان اســـرار تـــي ٻُولـــي

موئـــن دڙي جـــي گهٽيـــن ۾
ميـــڙن جـــا آثـــار تـــي ٻُولـــي

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

چانڊني رات جا اماس لمحا،
دردن جو ڏين ٿا واس لمحا

اميدن تي برف ڄمي ويئي!
اسان کي مليا نراس لمحا

اسان ته مرڪڻ تي زور لاتو،
پر اچي سگهيا نه راس لمحا

زمانو سمورو ڪلي ڪڍي ٿو!
اسان جي قسمت اداس لمحا

رت بسنت ۾ ائين لڳي ٿو،
ڪٽي آيا هن، آس لمحا

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيـــڏي اونڌهـــ نينهـــن نـــگر ۾،
چنـــڊ لهـــي آ، منهنجـــي گهـــر ۾

چانـــڊوڪيءَ جـــو ســـارو جوبـــن!
پرچـــي آيـــو، هـــڪ منظـــر ۾

اتئـــي ڪهـــڙو نـــاتو هـــن ســـان،
چمڪـــي تـــارو تنهنجـــي پـــر ۾

ڪهـــڙا هـــن هـــي رنـــج رســـاما
ٻـــاهر چـــڙ پـــر پيـــار انـــدر ۾

عيـد جـو چنـڊ تـون ٻنجـي آئيـن،
هـــل هنگـــامو تـــي پيـــو تـــر ۾،

ڪيـــڏو ڪيـــر هـــاريو آ، تـــو،
چـــانڊني تـــي پئـــي پـــوري پـــڌر ۾

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مــن ۾ آهــن لفــظ ٻــ چــار،
پڳلــي، مــاضي ائيــن نــ ســار

”رات راڻــيءَ“ جــي خوشــبو وانــگر،
نــاري! پويتــر تنهنجــو پيــار

اينــدڙ لئــ، آ آس انــدر ۾،
وينــدڙ کــي پويــان نــ پڪــار

بولــڻ جــي بــ ضــرورت نــاهي،
نيڻــن مــان ڻئــي نينهــن نــروار

ســچا جذبــا مرنــدا نــاهن!
لفظــن کــي دل ســاڻ اچــار

هــر مــاڻهو اميــر لڳــي ٿــو
ڏکــن جــو کــو نــاهي ڏکــار.

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پريمين جو پيار آهين ڇوڪري
سونهن جو سينگار آهين ڇوڪري

سکي!هر موسم آ تولئه ساڳئي!!
خزان منجهه بهار آهين ڇوڪري

شاعر توتي شعر لکن ٿا ڪيئي،
غزلن جو شهڪار آهين ڇوڪري

حال ۾ به رهي آن تون هميشه!
ماضيءَ جي تون سار آهين ڇوڪري

صدين جي وسعت، سمايل تو ۾
پوءِ به ننڍڙو ٻار آهين ڇوڪري

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مـن انـدر ڪـو گھـاءُ رهـي ٿـو،
هـر پـل تنهنجـو سـاءُ رهـي ٿـو

ذهـن ۾ ”بدبـوءِ“ انهـن جـي،
لفظـن منجهـ هڳـاءُ رهـي ٿـو

مـن منـدر جـي گنبـذ انـدر،
ڪنهـن جـو هـي پڙ لاءُ رهـي ٿـو؟

تنهنجـي ٻچـڙي جـي اکڙيـن ۾،
ڪهـڙو سـپنو مـاءُ رهـي ٿـو؟

ڪنهن ڪان آهي ڇا ڪسجي ويـو؟
ڇـا جـو هـي پڇتـاءُ رهـي ٿـو؟

تـو وٽ سـچائي آهـي ٿـوري!
ڳـالهين منجهـ وڌاءُ رهـي ٿـو.

ڏيئـو ڪيسـين جلنـدو رهنـدو؟
مونڪـي هـيءُ سـوداءُ رهـي ٿـو.

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

محبت کي ايندو زوال نہ آهي
پر حيات ايتري وشال نہ آهي

ڇو بيخيالي تي رهين "سڪي"؟
ڇا توکي ان جو خيال نہ آهي؟

ٻن دلين اندر وڇوٽيون وجهي،
هوا ۾ بہ ايڏي مجال نہ آهي

شعر سرجي پون ڏات آذار تي،
ان ۾ اهڙو تہ ڪوئي ڪمال نہ آهي

هوءَ ڪاري تي ماري وجي!
ڇو سمجهين پيو اهو سوال نہ آهي؟

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪا منهنجي خطا ٻڌاءِ ڪٿي،
وري مونکي سزا ٻڌاءِ ڪٿي،

پيار ۾ جنهن نہ پوڄيو هجي!
ڪائي اهڙي ڪتا ٻڌاءِ ڪٿي

ڏڄون تا جي نہ پوري ٿئي،
گهرون ڪهڙي دعا ٻڌاءِ ڪٿي

مون چاتو اهو تون آن املهہ!
جي اتئي ڪا "بها" ٻڌاءِ ڪٿي

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اکثرين ۾ خواب سارا رهجي ويا،
لفظ کي چوڻ وارا رهجي ويا

صدين جي دعائن کان پوءِ ها مليا!
سي پل پي اڌارا رهجي ويا

جتي ها خوشين جا پهرا لڳل!
روئندا گهرجا، جارا رهجي ويا،

جڏهن ويندي الوداع چيائين پئي!
بس ٻه لڙڪ کارا رهجي ويا

کن کي مليو حد کان به وڌي،
ٻ کي ته اجارا رهجي ويا

جانب ناز غوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فض غزل

پورو نالو: فض علي

ور جو نالو: سيد علي ڏنو شاهه

سالگره ڏڻ: 22 ڊسمبر

جنم هنڌ: باجارا

تعليم: بي ايڊ ،ايم اي(سنڌي)

روزگار/ ڪرت: ٽيچر

ونڊر: لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: نهج البلاغ پسنديده صنف: غزل

پسنديده ليکڪ/ ليکڪ: زيب سنڌي

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1990 کان لکڻ شروع ڪيم

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: شيخ اياز ۽ نارايڻ شام جي شاعريءَ کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

ڪافي تعداد ۾ ڪهاڻيون، ڊائري، غزل، گيت، وايون، نظم ۽ چوسٽا لکيا اٿم

شايع ٿيل ڪتاب:

ڪتاب جو نالو:	صنف-	سال-	پبليڪيشنز جو نالو
چنڊ ۽ چاهتون	(شاعري) غزل،وايون	2000	گل ڪونڌر

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبه نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

يادون هر بار ايندﻳون هن
اکيون اشڪبار ٿينديون هن

پرينءَ جي پار جو سنديس،
اچي هوائون ڏينديون هن

ڪڏهن جيون ۾ خوشيون
گلن جا جهول پرينديون هن

ها! دل جي درد جون پرين،
اکيون ساکي ٿينديون هن

هلندي هلندي راهون پي،
شهر جانان! نينديون هن.

جاڳي، جاڳي روئندي لکندي،
گذري راتيون وينديون هن.

فضه غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هر ڪا آس اڌوري ناهي
دلين ڳنڍ ته دوري ناهي

چاهت ڳهنجي ڪين سگهندي،
عمر سڄي آ تُوري ناهي

من اندر جي سچائي آ،
پوءِ ته ڪامجبوري ناهي

اوهان جو سات ئي گهرجي تو
پيو ڪو سات ضروري ناهي

صديون گهرجن، هُونءَ حياتي،
پيار ڪرڻ لئه پوري ناهي

فضہ غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گڏ رهڻ جي آس آهي،
آس نه ٿيڻي نراس آهي.

ها! تمو سواءِ او پرين،
هر شام ٿي اُداس آهي.

چوءُ ڏس ٿي آ روشني،
رات نه رهڻي اُماس آهي.

تنهنجي لاءِ ته هر هڪ پل،
اندر منجهه اُڪاس آهي.

درد بُڌي روئي پيو،
ماڻهو ڪو حساس آهي.

هُو يي چاهي تو ڪيڏو،
هاڻ ٿيو وشواس آهي.

فضه غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سونهن نگر ۾ تنهنجو عڪس،
من اندر ۾ تنهنجو عڪس.

يادون تنهنجون ساڻ سدائين،
سوچ نگر ۾ تنهنجو عڪس.

سِڪَ سمنڊ ۾ سوچون جاڳن،
لَهر لهر ۾ تنهنجو عڪس.

بهارُ آيو مکڙيون ٽڙيون،
هر منظر ۾ تنهنجو عڪس.

چنڊ ۾ پڻ ٿا توکي ڳوليون،
نيڻ نظر ۾ تنهنجو عڪس.

فضه غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

آءُ اَڄــــي ڏس هـــــاڻ اکيـــــن ۾،
کيــــــــڏي آ آلاڻ اکيـــــــــن ۾.

تنهنجـــــــي دردن جــــــي اوجـــــاڻي،
هـــــــــــر دم آ لالاڻ اکيـــــــــن ۾

نيـــڻ بـــ نيــث تـــ مـــُــرڪي پونـــدا،
عڪـــــس تـــ پنهنجــــو آڻ اکيــــن ۾.

هـــــا اَڄُ پيـــــي ســـــاڳيا اوســــــيئڙا،
آهـــــن تنهنجـــــي ڪــــاڻ اکيـــــن ۾.

ســـــــونهن تصـــــــور ۾ آ تنهنجـــــــي،
ٿ ان جــــــي آ چانـــــداڻ اکيـــــن ۾.

روز ڏســــــون ٿـــــا آئينــــــو پيـــــي،
پـــــاڻ بـــــ ڏِســـجي هــــاڻ اکيـــن ۾.

فضہ غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

من اندر ۾ ڪير ته آهي،
نيڻ نظر ۾ ڪير ته آهي.

سارا سڏڪا سڏ آهن،
خالي گهر ۾ ڪير ته آهي.

پيار جي چانو ۾ آ بيٺل،
ڏس منظر ۾ ڪير ته آهي.

شعر لکڻ جي هُن لئه،
سوچ نگر ۾ ڪير ته آهي.

من ذهن ۾ آهين تون،
گڏ سفر ۾ ڪير ته آهي.

توکي ساري ٿو روئي،
هن شهر ۾ ڪير ته آهي.

فضه غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سالگرهہ تي سار ڪٺي ايندين،
مکڙيون مهڪار ڪٺي ايندين.

گل خوشبوئن سان پنل هي تولئہ،
هوائون هار ڪٺي ايندين.

وساري ڪيئن ڇڏيان او پرين!
منڊون ميار ڪٺي ايندين.

ڪين سمجهي سگهئين جي پيار کي،
اکيون اظهار ڪٺي ايندين.

منهنجون سوچون توڏي ايندي،
ادب اشعار ڪٺي ايندين.

فضہ غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

زهر زندگيءَ جو پئي ٿو،
پوءِ به انسان جئي ٿو.

هالار جيڏو حوصلو،
پاڻ کي پاڻ ئي ڏئي ٿو.

ڏک ڏيهه جا ڪٿي او سڪي،
روز روئي لڪُو پئي ٿو.

تحرير خاموش ڪانهي،
ها! قلم ۾ ته ڪجهه چئي ٿو.

ڪوتا ئي تي سات ڏئيس،
تنها جڏهن هو ٿئي ٿو.

فضه غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جـــڏهن بـــــ كـــو ســــاريندو آ،
آب اكيـــــن مـــــان هـــــاريندو آ.

بـــــ چـــار گهڙيـــون گـــڏ گهـــاريل،
كيئـــــن كوئــــــي وســــاريندو آ.

كـــا آس ركـــي هـــو مـــن انـــدر ۾،
راهــــــــــ روز نهـــــــــاريندو آ.

طوفـــــانن ۾ اجهاڻـــــا جيكـــــــي،
ڏيئــــا هـــــر هــــر ٻــــاريندو آ.

خوابـــــن ۾ ئــــي خـــوش رهـــــي،
جـــيءَ كـــي هـــو تـــــ جيـــاريندو آ.

درد نـــــگر ۾ كوئـــــي مـــــاڻهو،
تنهــــا جيـــــون گهـــــاريندو آ.

فضہ غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

توسان ساڳئي پريت او سائين،
من جو تون ئي ميت او سائين.

راتيون جاڳي تولئه لکيا،
سندر سارا گيت اوسائين.

تنهنجي ملڻ سان مهڪي پوندي،
روح جي رڻ جي ريت او سائين.

محبت ۾ تون هار نه مڃجانءِ،
نيٺ ته تيندئي جيت او سائين.

تا ياد سهاري جيون گهاريون،
کهڙي هي آ ريت او سائين.

فضه غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسرين سيد

پورو نالو: نسرين سيد

والد جو نالو: غلام علي شاهه

سالگره ڏڻ: 17 ڊسمبر

جنم هنڌ: خيرپور ناٿن شاهه

تعليم: ايم.اي ايڪنامڪس

روزگار/ ڪرت: نه

وندر: لکڻ پڙهڻ ۽ ريڊيو ٻڌڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: اوچا ڳا خواب ۽ دنيا جون عظيم انقلابي عورتون

پسنديده صنف: غزل ۽ نظم پسنديده ليکڪ/ ليکڪا: ظفر عباسي

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1999 کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: وڪريل حالتن کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (100) مضمون (26) ڪالم (6) ڊائري (100)

شاعري: غزل (200) گيت (10) وايون (50) نظم (100) چوسٽا (100)

شايع ٿيل ڪتاب:

ڪتاب جو نالو:	صنف -	سال -	پبليڪيشنز جو نالو
ڪنهن ڪنهن جي ننڊ چورائي	(شاعري)	2000	نيو ٿنڪرس فارم
حويليءَ ۾ گهر ٿي ويل وجود	(ڪهاڻيون)	2002	هالار پبليڪيشن

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب:

ڪتاب جو نالو	صنف
(1) ؟	نثري ٽڪرن جو هڪ مجموعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

توکان ٺي توکي ڪسڻ تي مان چاهيان
پرين پيار تو سان ڪرڻ تي مان چاهيان

سهارو نہ گهرجي تو هڪڙي جنم جو
هزارين جنم گڏ هلڻ تي مان چاهيان

نيت تہ تيندو ملڻ اسان جو بہ ساٿي
دنيا ڪي اهو سڀ ڏيکارڻ تي مان چاهيان

محبت لفظ آ ننڍڙو ڪيڏو بہ سائين
بس امر پيار پنهنجو ڪرڻ تي مان چاهيان

پل نہ بہ هجي قسمت ۾ نالو تنهنجو جي
هٿ تي زوريءَ لڪير ڪڍڻ تي مان چاهيان

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اڻين نه ڪنهن کي چاهبو آ
روئي پاڻ ئي رلائبو آ

چريو چوندئي دنيا
لوڪ کان نينهن لڪائبو آ

تنهائي ۾ جيون گهاري
اڻين نه پاڻ وڃائبو آ

پيار ۾ منهنجي او سرتي
ايڏو نه ڪنهن کي آزمائبو آ

دل سان ناتو هن جو وني
ڪڏهن ڪڏهن ته اچاربو آ

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پـــاند تنهـــن لاءِ پســـائين ڇوڙيـــي.
ايـــڏو هـــن کـــي ســـارين ڇوڙيـــي،

جيڪـــو ويـــو آ راهـــه ۾ رولـــي،
تنهـــن لاءِ لڙڪ تـــون هـــارين ڇوڙيـــي.

هـــن جـــي يـــاد ۾ منهنجـــي ســـرتي،
انـــدر پنهنجـــو ڳـــارين ڇوڙيـــي.

هـــن جـــي در جـــي آمهـــون ســـامهون،
پيـــر پنهنجـــا ٻيهـــارين ڇوڙيـــي.

مـــنزل کـــان ائيـــن منهـــن مـــوڙي تـــون.
حوصلـــو پنهنجـــو هـــارين ڇوڙيـــي!

وفـــا ڇـــا آهـــي اي نســـــرين!
ايـــڏو تـــون ويچـــارين ڇوڙيـــي؟

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مان پڻ ڪنديون رهان تي
زندگي جو زهر پيئندي رهان تي

دل جو ينچ اجڙي ويو آهي
اهو ئي گيت لکندي رهان تي

تنهنجي پيار سواءِ نه گهرجي ڪجهه به
بس ان لئه واجهائيندي رهان تي

جدائيءَ ۾ مري تي ڪيڏو!
اهو ئي سور بڏائيندي رهان تي

سج لهڻ ويل قدم تنهنجا
گهر پنهنجي ڏي سرندي ڏسان تي

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪارا ڪپڙا پائيندي نه ڪر
من منهنجو تڙپائيندي نه ڪر

پيار منهنجي ۾ او سکي منهنجي
وڳا ويس نهرائيندي نه ڪر

اوسيئڙي ۾ تون اڪثر سانئڻ
رستا راهون نهاريندي نه ڪر

پائي چوٽا چنبيلي ۽ گل گلاب جا
آئيني آڏو پاڻ سنواريندي نه ڪر

تصور ڪري ساجن جو تون
پنهنجي منهن شرمائيندي نه ڪر

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجون آهن رڳو التجائون
سدا رهنديون تو سان وفائون

اچين نٿو مون ڏي تون ساجن
اسان لاءِ رڳو آهن سزائون

ملڻ جي آس ۾ جانان!
لبن تي بس آهن دعائون

ملين تہ هاڻ ٿي ملي وڃ
پوءِ هوندئي رڳو پڇتائون

دنيا ڏنا درد ڪيڏا نسرين کي
اندر مان نڪرن آهون ۽ صدائون

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

او چنڊ هن جي ياد ڏيارين ٿو ٿو
تن من کي تڙپائين ٿو ٿو

مدم روشنيءَ ۾ ڪيون جي رهاڻيون
اهي ڳالهيون سڀ وسارائين ٿو ٿو

چمڪي اچي اڱڻ منهنجي تي
ساجن جا قصا ٻڌائين ٿو ٿو

محبت جي ڪهاڻي آ تو تائين محدود
لوڪ کي درد منهنجا سڻائين ٿو ٿو

سڀليو آهي سور تو سان نسرين
پوءِ ان کي ايڏو روئارين ٿو ٿو

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

حسرتون مرندي ڏسان تي
خواهشون جلندي ڏسان تي

نفرت جي هوا ڪهڙي گهلي
شهيدن جو خون لڙهندي ڏسان تي

ڪهڙو آهي انصاف هتي
درياءُ هي سڪندي ڏسان تي

سڪ ۾ سڪندي ڪي ئي ڏنا
پيار تي پهرا پابندي ڏسان تي

شعر لکيا روئي روئي نسرين
احساس جذبا گهائجندي ڏسان تي

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هـــن گهـــر مـــان نكـــرڻ گهرجـــي
توســـان هـــاڻ ملـــڻ گهرجـــي

گـــل کيئـــن ٽڙنـــدو آ گلشـــن ۾
رنـــگ قدرتـــی ڏســـڻ گهرجـــي

پيـــارن جـــي محفـــل ۾ جانـــان
پـــاڻ کـــي هـــاڻ وجـــڻ گهرجـــي

درد ڀـــري هـــيءَ ســـچي شـــاعري
نـــانءِ تـــو پريتـــم کـــرڻ گهرجـــي

پنهنجـــي هـــر ســـپني ۾ نســـرين
ان کـــي هـــاڻ ڏســـڻ گهرجـــي

پيـــار ۾ ائيـــن تـــہ تـــي وينـــدو آ
لفـــظ اهـــو ور چـــوڻ گهرجـــي

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڇا عشق ۾ ائين ٿي ٿيندو آ
روئي پاڻ رلائبو آ

ڪٿي آهي؟ ڪيئن آهي؟
لوڪ کان پيو پڇائبو آ

راتيون جاڳي جاڳي هن لاءِ
ڪيس ايڏو ڇو ساربو آ

واعدن متان هن واعدا ڪيڏا
آخر هڪ وچن ته پاڙبو آ

پيار ۾ او منهنجي پريتم سڪي
نسرين ڪي ايڏو نه ستائبو آ

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجده جبين

پورو نالو: ساجده شاهہ

والد جو نالو: سيد غلام سرور شاهہ لکياري

سالگره ڏڻ: 27 مارچ

جنم هنڌ: باجارا

تعليم: بي.اي

روزگار/ ڪرت: ڪابہ نہ

وندر: لکڻ پڙهڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: پيار جي موت ۾ پسنديده صنف: ڪهاڻي پسنديده

ليکڪ: مشتاق بخاري ۽ ظفر عباسي ليکڪ: ڪلا پرڪاش

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1994 کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: شرجيل جي ڪتاب "پن ڇڻ ڪانپوءِ" کان متاثر ٿي لکيو هيم.

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

پيون: مون ڪهاڻي ۽ مضمون، ڪالم ڊائري غزل وايون نظم ۽ چوسٽا ۽ گيت پڻ لکيا آهن ۽ منهنجون لکڻيون ايتريون آهن جو چار مجموعا ڇپجي سگهن ٿا.

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب:

ڪتاب جو نالو	صنف
(1) "جذبن جهوريو جيءُ"	ڪهاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

توسان چاهت سهڻا سائين
رهندي ڏينهن قيامت تائين

توکي جيون مون آ ارپيو
مونکي پائين يا نه پائين

پنهنجي تون اندر ۾ وجھاڻ
ملڻ جڏهن ڀي مونسان چاهين

درد سمورا وسري ويندا
پيار مان ڳل جي مونکي لائين

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مونکـــي مننجـــو آهـــ قســـم
مـــون آ توکـــي چـــاهيو صنـــم

پيـــار منهنجـــي جـــو پريـــن
ســـدا رکجـــاڻ تـــون ڀـــرم

توکـــي حـــاصل کـــري ئـــي رهبـــو
منهنجـــو اهـــو آهـــ عـــزم

تنهنجـــي کـــري ئـــي ڏس مـــون
ســـنا کيـــڏا آهـــن ســـتم

توکـــي آخـــري خـــط لکـــي
مـــون ســـان گـــڏ هـــي رنـــو قلـــم

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هن جيءَ مونکي وسار ۽ تون به وسري وڃ
ڇپ ڇاپ منهنجي زندگيءَ مان پوءِ نڪري وڃ

هو تنهنجو هربار جوڙيو هن کي موڙ.
تنهنجي مان، جيئڻ پل ته وکري وڃ

پاڻ ٿيا هون بار پرينءَ تي هاڻي تون!
ساڃهه پکي دور افق ڏانهن اڏري وڃ

جنهن کي سمجهيئن منزل پيو تو تون سائين!
سا ته آهه راهه ڏکي تون گذري وڃ

پرجي پوي من اڳهي گوڙها ڳل لائي
دل! پرينءَ جي پار ڏي تون وري وڃ

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪڏهن پلا تون ايندين سائين
منهنجو ٿي بس ٿيندين سائين

هيءَ وڇن ڪر هاڻ قسم سان
ڏور نہ مونکان ويندين سائين

پنهنجو سمجهي پنهنجائپ مان،
سارا سور سليندين سائين

جيون جي ڪنهن موڙ تي مونکي
ڪڏهن ڪونہ ڇڏيندين سائين

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

توکي آهي محبت ملڻ جو ڏانءُ
مرڪي مرڪي دل کسڻ جو ڏانءُ

اوهانجي محبت سيکاريو آ ورنه
اسانوٽ ڪٿي هو لکڻ جو ڏانءُ

پيار ۾ پيڙا اٿئي، سوچي وٺ
ڇا توکي آ درد سهڻ جو ڏانءُ

عشق اڳيان تنهن هار مڃي ڪيئن؟
جنهن کي هو هر کٽڻ جو ڏانءُ

سو ته هر حال ۾ جيئي ويندو
جنهن کي آ هوندو جيئڻ جو ڏانءُ

ڏک ۾ به مرڪي ڏٺين تو تون
توکي آهي ڪيئن کلڻ جو ڏانءُ

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

رت بسنت جي موٽي آئي
ساجن آءُ تہ تنهنجي سرهائي

توبن چين نہ دل کي آهي،
نيڻن آهي ننڊ وڃائي

توسان ٿي مون منهنجا جاني!
پنهنجي آهي دل لڳائي

آءُ اداس رهان ٿي توبن
دل کي اچي ڏي خوشي ڪائي

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پنهنجي پيار ۾ گم آهيان
هينئين جي هار ۾ گم آهيان

هو سامهون اچي وينو آهي
مان ديدار ۾ گم آهيان

هو هليو ويو اڄ واپس،
۽ مان سار ۾ گم آهيان

ايندو ڪڏهن هو هاڻ وري،
ان ويچار ۾ گم آهيان

سڀ ڪجهه اڄ ويو آ وسري
هڪ منتار ۾ گم آهيان

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجي شهر تون آيو آهين
پياسي تر تون آيو آهين

ان کان وڌ ٻي ڪهڙي خوشي آ
منهنجي گهر تون آيو آهين

ڀڻرين ڀڻرين ڪانگ لنوي چيو
اڄ ٻاهر تون آيو آهين

ڪيتري عرصي ڪانپوءِ سائين!
نينهن نگر تون آيو آهين

توکي پيار گهٽ ئي ملندو
منهنجي در تون آيو آهين

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

توبن جيئڻ ٿيو دشوار
مل خدارا تون هڪوار

دل جو گل ٿڙي پوندو
تون جي ايندين، ايندي بهار

توسان منهنجي روح جو رشتو
تون ئي آهين منهنجو پيار

تنهنجا آهيون تنهنجا آهيون
توکي چئون پيا بار بار

غم ملي يا ملي خوشي ڪا
جيون مرڪي مرڪي گذار

توکي ساري نيڻ اسان جا
هر هر ٿين ٿا اشڪبار

آخري لمحن تائين پرين!
تنهنجو ڪنداسين پيا انتظار

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تون پلي وئين پنهنجو پاڻ
تنها آهيان صفا مان هاڻ

بس رڳو ايترو ئي ٻڌاءِ
نيهن ناتو ڇنئه ڇا ڪاڻ

پيار منهنجي ۾ هئي ڪمي،
تون ته سنو هئين پرين پاڻ

اوهان پڄاڻان، هن جيون ۾
ڪائي بهار نه ايندي هاڻ

جنهن اسان کي جدا ڪيو.
سکيو نه رهندو سو پڪ ڄاڻ

منهنجي پوءِ به دعا اٿئي،
شال سڄڻ تون جواني ماڻي

ساجده جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينظير عادل

پورو نالو: بينظير رسول

والد جو نالو: عادل سخيراڻي

سالگره ڏڻ: 8 آگسٽ

جنم هنڌ: دادو

تعليم: بي.اي

روزگار/ ڪرت: پرائيويٽ ٽيچنگ

وندر: ڪتاب پڙهڻ - سلائي ڪرڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: بند دروازو پسنديده صنف: غزل پسنديده ليکڪ/ ليکڪ: استاد بخاري، امرتا پريتم

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1995 کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: ڪتاب پڙهي شوق ٿيو

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون مون ڪڏهن مواد ڳڻيو ناهي.

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب:

ڪتاب جو نالو	صنف
(1) تنهنجون يادون پرين	شاعري
(2) منهنجون اکيون تنهنجا عڪس	شاعري
(3) حسين چهرا، حسين منظر	ناول
(4) موسمون ۽ مان	ڪهاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ملئيـن تـون تـہ مونکـي هـي سنسـار مليـو،
مـان سـکيس تـي تـولاءِ سـو ديـدار مليـو

زمـاني جـي گـردش ۾ گم تـي وجـان هـا
پـر حوصلـو توکـان آ هربـار ميلـو

هئـي منهنجـي مـن ۾ مايوسـي تـہ کيـڏي،
توکـان جرئتـن جـو تـي هتيـار مليـو،

مليـون نفرتـون کـوڙ سـاريون دنيـا ۾،
اوهـان کـان اسـان کـي فقـط پيـار مليـو،

انهـيءَ سـان کئـي آ اسـان آشـنائي
جـو دردن سـان انسـان تمثـار مليـو

هيـس بـي يقينـيءَ جـي دنيـا ۾ رهنـدي
وٺـان تنهنجـي سـائين اعتبـار مليـو

ڪپـي بيـو چـا هـاڻ جـڏهن بـي پناهـہ
توکـان محبتـن جـو اظهـار مليـو.

خزائـن جـي هيـراک هئـي بينظيـر
چگـو تيـو بهـارن جـو سـهکار مليـو.

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اوهـــان ســـان ملـــڻ لاءِ كيـــون تـــا بهانـــا،
اوهـــان كـــي ڏســـڻ لاءِ اچـــون تـــا روزانـــا .

اوهـان جـون گهٽيـون هـن اسـان كـي پيـاريون،
اســـان كـــي ڏســـيو چـــو تيوتـــا بيگانـــا .

اَتـــو پيـــار دل ۾ تـــه كولـــي ٻڌايـــو،
اســـان ورنـــه ٻڻجـــي ويندا ســـين ديوانـــا .

اســـان چـــاهيون تـــا اوهـــان وٽ اچـــڻ ۽
اوهـــان نـــاهيو پياتـــا نـــوان آســـتانا .

اوهـــان جـــو ملـــڻ ۽ جلـــڻ ڏاڍو پيـــارو،
اوهـــان ســـان گـــذارڻ چـــاهيون تـــا زمانـــا .

اســـان جـــا نـــرن نيـــڻ ڏســـندي اوهـــان كـــي،
اوهـــان آهيـــو خوابـــن جـــي تعبيـــر جانـــا .

اوهـــانجي هجـــڻ ســـان هتـــي بينظيـــر،
خوشـــيون كـــوڙ آهـــن، آهـــن شـــادمانا .

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تو پٽڪيو پر ۾ الائي آ ڇاڇا،
مون سمجهيو پر ۾ الائي آ ڇاڇا.

جدائي ۾ ميلاپ انمول آهن،
محبت جي جر ۾ الائي آ ڇاڇا.

رڳو سميٽيون محبتون دل ۾
دلين جي تر ۾ الائي آ ڇاڇا.

هڪڙن جي گهر ۾ ليي کين ڪجهه،
۽ ٻين جي گهر ۾ الائي آ ڇاڇا.

گهڻو ئي ڏٺو مون دنيا ۾ پر
هن جي نظر ۾ الائي آ ڇاڇا.

ڏٺا مون نشيلا ڪيئي ته آهن
پر هڪ نظر ۾ الائي آ ڇاڇا.

نظارا ڪيئي موهن تا دل کي،
پر ڪينجهر ۾ الائي آ ڇاڇا.

ياد ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آ پر،
هڪ سانير ۾ الائي آ ڇاڇا.

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اسان کي ادائون گهريون ته ناهن،
توکان چاهنائون گهريون ته ناهن.

اسان ته کيو آ بس پيار توکي،
توکان کي بهائون گهريون ته ناهن.

خود درد آيو آ هلي اسان وٽ،
اسان کي صدائون گهريون ته ناهن.

هڪ جهونٽي هوا جي ۾ وکري وياسين،
اسان کو هوائون گهريون ته ناهن.

ڏيو جي دل سان ته قبول آهن،
اسان کي سزائون گهريون ته ناهن.

چا تي پيو جي وئين تون بدلجي،
توکان کي وفائون گهريون ته ناهن.

خزائن جي دل ئي لڳي آ اسان سان
اسان کو خزائون گهريون ته ناهن.

جي ڏيندؤ ته سنيالي رکنداسين پر
اسان کي جفائون گهريون ته ناهن.

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پـري تـي وياسـين جـو ذاريـا هٿاسـين،
سـاگر جـا ڇـڻ ڪـو ڪنـارا هٿاسـين.

رهـي آهـ آلاڻ هميشـ اکيـن ۾،
مـگر پـوءِ بـ ڪيـڏا اجـارا هٿاسـين.

اسـان ڏي سـريا بـي وجهـ درد سـاٿي،
دردن کـي بـ ڇـو پـاڻ پيـارا هٿاسـين.

سـهارا گهڻـا هٿـا ڇڄـي ڏار تيـا پـر
ويـا دور تـي، بـي سـهارا هٿاسـين.

قسـمت گهڻـو ئـي تـ سمجهـائڻ چـاهيو
نـ سمجهـي سـگهيا جـو اشـارا هٿاسـين.

مـصري ۽ مـاڪي اڳ ۾ ٻڌجـي رهياسـين،
ٻڌجـي پيـا پـوءِ ڪسـارا هٿاسـين.

اوهـان جـي اسـان تـي نظـر پئـي ترسـي
بينظيـر ڪـو دلڪـش نظـارا هٿاسـين؟!

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تنهنجون هي ادائون به پياريون لڳن ٿيون
تنهنجون هي وفائون به پياريون لڳن ٿيون.

توکي دل ٿي چاهي ته ايڏو او سائين!
تنهنجون هي خطائون به پياريون لڳن ٿيون.

جڏهن ياد ايندي آ من ۾ اوهان جي،
ته کوسيون هوائون به پياريون لڳن ٿيون.

حسينن کي هوندي مڱي آ بڌون تا،
مگر هي جفائون به پياريون لڳن ٿيون.

جتي تون هجين شال خوش ٿي هجين من،
تنهنجي دل جون دعائون به پياريون لڳن ٿيون.

ڏئي اڇلون دل ٿي ملڻ چاهي توسان
اندر جون صدائون به پياريون لڳن ٿيون.

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڏس ڪيئن اسان گذاريون ٿا
توکي پيا پل پل ساريون ٿا

ڇا ٿئون ٿا تون اچين نا هين
پوءِ به واٽ نهاريون ٿا.

گذري وڃي ٿي ڏکي سکي ائين،
بس تون بن اسان گذاريون ٿا.

ياد بہ اسان لئہ سهارو سگهارو
سهاري ان جي پيا گهاريون ٿا.

جيون هيءُ کهڙو ڪو جيون آ بس
مرڻي پاڻ ماري پيا جياريون ٿا

هوءِ جيئي توکي سامهون ڏسان روبرو
پر اجان دل جي ڳالهہ ڪي بہ ٿاريون ٿا.

توسان گڏ تہ هيون خوشيون ڪيتريون
توين هاڻ هينئڙو پيا هاريون ٿا.

هرگهڙي تون اسان ڪي ياد آن عادل
ڪوپل بہ نہ توکي وساريون ٿا.

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجي اک جو تارو سائين
منهنجو جيءَ جيارو سائين

توسان منهنجي چاهت اهڙي
آهين سارو سهارو سائين

جوتو ڇڙهيِن مونکي تون
ڇو ٻولين تون کارو سائين

تنهنجي کارڻ وقف ڪيو آ
پنهنجو جيون سارو سائين

توکي ڏسي تا نيڻ ٺرن هي
آهين اهڙو پيارو سائين

ائين خوشين جو اظهار نه ڪر
آ هر ماڻهو ريسارو سائين

ڪيئن وڻندو دنيا کي پيلا
سچ ته توهه کسارو سائين

تنهنجو سات بهارن جهڙو
تنهنجي ياد آ سيارو سائين.

توکي هردم آ سارينڊو
منهنجو من ويچارو سائين.

توکان وڇڙي ائين تا ڀڄرون
لمحو لمحو اونهارو سائين.

بينظير عابد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڏنو آ مون هتي نظرن جي قرڻ جو منظر
حسينن جي نيڻن مان لڙڪ ڪرڻ جو منظر

ڪڏهن تون به محسوس ته ڪر ۽ ڏس
دل جي اکين سان روح جي جهرڻ جو منظر

اڄيون ۾ انتظار جو سلسلو هي اٽڪت
پر سندر آ ساڻي انتظار ڪرڻ جو منظر

اڇي تون به ڪنهن ڏينهن مون وٽ پلي ڏس
ڪيڏو آ درد ناڪ احساس مرڻ جو منظر

حادثا ڪوڙ دل ڏکي تي جن سان ليڪن
ڏکوئي ٿو ڪنهن جي نظر ۾ ڪرڻ جو منظر

بينظير عادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڏئي درد پوءِ وندائن ٿا ڇو؟
اسانکي پل پل ستائن ٿا ڇو؟

ڪتان هو سکيا هن اهائي ادا،
روئاري ۽ پوءِ ڪلائن ٿا ڇو؟

اسان ساپيائون ٿا ڳوليون پيا،
خواب اسان جا جلائن ٿا ڇو؟

رهڻ ٿي چاهيو جن سان گڏ اسان
اهي تنهاين سان ملائن ٿاڇو؟

اسان ياد جن کي آ هر هر ڪيو
اهي ئي سڄڻ پوءِ ڀلائن ٿا ڇو؟

سيني جي وچم اسان کي رئاري
اسان جي مذاڪ اڏائن ٿا ڇو؟

ٻڌاءِ بينظير! ڇا دوستي اها آ
رکي دوستي، نه نڀائن ٿا ڇو؟

بينظير عا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهان آرا بتول

پورو نالو: جهان آرا قمبراڻي

والد جو نالو: محمد خميسو

سالگره ڏڻ: 19 آڪٽوبر

جنم هنڌ: ماتلي ضلعو بدين

تعليم: بي-اي

روزگار/ ڪرت: ٽيچر

ونڊر: ادبي سرگرميون

اوهان جو پسنديده ڪتاب: قرآن شريف پسنديده صنف: نثري نظم

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1998 کان اردوءَ ۾ لکڻ جي شروعات ڪيم

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: مقبول مارو

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (2) مضمون (1) ڊائري (12) پيون مزاحيه 16

شاعري: غزل (50) گيت (3) وايون (6) نظم (70)

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبه نه

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبه نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

رنا آهيون ياد ۾ ڏينهن رات مسلسل
وهندي رهي آ نيڻن ۾ برسات مسلسل

ڇا غم نصيبن ۾ رهيا آهن منهنجي سدا
۽ دل اندر رهن هر دم فڪرات مسلسل

اوهان سان ملڻ هاڻ مشڪل تي آهي پيو
ڪڏهن هوندي هئي پنهنجي ملاقات مسلسل

ڇو مونکي وساري ڇڏيو آهي هن بتول
تي تن ۾ اندر رهي کهڙي تات مسلسل

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ظلم تنهنجا سهندي بہ توتي فدا ٿي ويا آهيون،
۽ تنهنجي ئي ڪارڻ تنهنجي ادا ٿي ويا آهيون.

برسي پئي ٿي جو وڇوڙن جي بارش
انسان آهيون اسان فنا ٿي ويا آهيون.

محبت جو مونکي ناهي تصور توبن پيارا،
جسم توکي اربي ڪائي وفا ٿي ويا آهيون.

يقينن هوندئي افسوس انهي ڳالھہ جو،
جو جدا توئي ڪيو ۽ جدا ٿي ويا آهيون.

ڪھڙيون زماني سان ڪيان شڪايتون بتول
اسين تہ پنهنجو پاڻ کان بہ خفا ٿي ويا آهيون.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تـــي وياســـين ســـواءِ بدنـــام زمـــاني ۾
مـائي شـهرت عشـق جـي ئـي فسـاني ۾

جدائيءَ تنهنجيءَ پهچائي ڇڏيو مــُـه کـدي،
عجيب حال تـي ويـو منهنجو مـُـه خـاني ۾.

نـــه راه ۾ آئـــي نظـــر ڪـــائي بـــه مـــنزل
پهچي وئي هيءَ دل ڇڻ ڪنهن تهه خاني ۾

خطا تـي کهڙي جو تنهنجي شـهر ۾ آيـس
سمجهايان ڪيئـن دل کـي حيلـي بهـاني ۾

نـــه خوشـــيون راس آيـــون آهـــن ڪـــڏهن،
بتـــول جـــي پيـــار ۽ ڪنهـــن پيمـــاني ۾.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

وقت ايندو اهڙو جو توکي بہ آخر پنهنجو بنائي ونبو
دل جو تي چاهي اهو سڀ سموروئي پائي ونبو

قرب ۽ پيار پريون راتيون بہ آهن ياد مونکي سڀ
تن جي صدقي چوين تہ سر بہ تولاءِ نمائي ونبو

اڄ اها پاڻ م ناهي تہ چاتي آهي پيو
پري رهي بہ رنل رهندين تہ سپني ۾ پرچائي ونبو

نيت تہ نانءَ محفل ۾ پنهنجو کري رهبو روشن
تولاءِ لکي غزل کو سهڻو پاڻ ڳائي ونبو

دل جي لچي تڙپي تہ پوءِ چا کري هت بتول
ڏسي تصوير تنهنجي ۽ پاند پنهنجو پسائي ونبو.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بـرو محبـت جـو انجـام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـہ هـو
تمنـائن جـو قتـل سـرعام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـہ هـو

اهـو لفـظ عشـق جنهـن كـي مقـدس مـون تـي سمجهيـو
ائيـن گهـتيءَ گليءَ ۾ بدنـام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـہ هـو

حســـرتون مـــن جـــون وكـــري ويـــون چـــوان ڇـــا ؟
فسانو پيـار ۾ ائيـن تمـام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـہ هـو

پنهنجـي نـاكـام الفـت جـي غـم كـي ڀلائـڻ لاءِ صنـم
منهنجي هٿن ۾ ائين اڄ جام تيندو كڏهن سوچيو نہ هو

عشـق جنهـن كـي تـا سمجهـن كيـل مـاٺهو دوسـتو
اهـو جنـون صبـح شـام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـہ هـو.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

نيڻ رهيا ڪليل تنهنجي انتظار ۾
ائين رسوا ٿي رهياسين اسين پيار ۾

زندگيءَ جون تلخيون آهن وڏي ويون
نفرتن جي باهه ٻري وئي بازار ۾

ڪونه آ مون وٽ ڏيڻ لاءِ هاڻ ڪجهه
جو جو ويس لٽجي مان بزم يار ۾

زندگي ته شعلو ۽ شبنم ٻه هوندي آ
نه ڄاڻ هيءَ ڪنهن لکيو هو اخبار ۾

هت هجتون نه هاڻي هن رهيون اهي
ٿي فرق آهي ويو اڄ سنسار ۾

موتي جلدي ملندس توهيءُ هو چيو
آس ملڻ جي مونکي رهي سدا بهار ۾

وساري تو ڇڏيو جو آهي بتول
ٿورهين تون ساهه جي هرتار ۾

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جسم جي قيد ۾ عجيب ڪشمڪش جي حالات ۾ آهيان
تولاءِ صنم صرف سڪي وانگر ڪنهن خيرات ۾ آهيان

تنهنجي ماڻ جي رهي آهي تمنا دل منهنجي جي اندر
موت جي منظر جيان ڇو الائي مان حاصلات ۾ آهيان

هاڻ نظرون ٻئي ڏانهن ڪڻڻ تي ويو مون لاءِ ممنو
جڏهن کان ڏنم توکي تڏهن کان اڻپوري ملاقات ۾ آهيان

سياڻي جي ڏينهن کي ڇو نه رکون ترڪ تعلق لاءِ صنم
تولئه ئي پيارا اڄ ڪنهن دکي جذبات ۾ آهيان

ڏينهن هجي روشن هجي شام يا چاندوڪي ڪا
پر مونلاءِ دنيا ائين جيئن بينل اوندهه رات ۾ آهيان

نه آيون هت راس ڪي خوشيون مونکي بتول
ڪيان محسوس ائين سدا ڇڻ ڏکن جي برسات ۾ آهيان.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مريــن شــل وڇــوڙا! ڇــو تــہ مــارين تــو
انهــن ڏکــڙن ســان منهنجــا ڏيــل ڏاريـن تـو

جيئــڻ جــو نــہ ڪوئــي هــاڻي ســبب رهيــو آ
اڪــر هــر هــر ڪهــڙا تــون اُڇــارين تــو

هئــي دل جنهــن ســان ســو شــخص ويــو هليــو
بــاقي يــاد ڪهــڙي تــون وســارين تــو

مــن جــي ويــران صحــرا ڪــي اڄ بتــول
هــاڻ ڪنهــن جــي ڪــارڻ جــيارين تــو.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ختم جي تعلق ڪرڻو هو تہ ڪولي ٻڌائين ها
توکي جو مونکان وڇڙڻو هو تہ ڪولي ٻڌائين ها

ڏسي توکي مسڪرائي اکڙين گيت تي ڳاتا
لڙڪن سان تن کي پرڻو هو تہ ڪولي ٻڌائين ها

ڪيا جي قول تو گڏ رهڻ ۽ نڀائڻ جا هئا
وعدن تان جي ڦرڻو هو تہ ڪولي ٻڌائين ها

محبت جي سفر ۾ پيچرن تي اڪيلو ڇڏي مونکي
خوشيون ڪسي غمن ۾ گڏڻو هو تہ ڪولي ٻڌائين ها.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هن جي ئي جيون ۾ سک پرڻ تي چاهيان
مان آهيان شمع اڄ ٻرڻ تي چاهيان

هوا آهي ڏسيو تہ "سڄڻ تو اچي اڄ"
مٺي ٻنجي راهن ۾ وڇڻ تي چاهيان

نہ ئي ڪا ريکا هٿن جي ئي ڏسي ڄاڻان
پر نصيب پنهنجو پاڻ مان اڏڻ تي چاهيان

پرهہ ويلي ٻنجي ڪائي ماک هاڻي
گلن جي بدن تي مان ڪِرڻ تي چاهيان

اداس گذريون هت ساريون ئي راتيون هن
خالي صنم تنهنجو مُک ڏسڻ تي چاهيان

سدائين رهيا هٿاسين مان ۾ اي بتول
دل سان هاڻ گهڻو ڪجهہ ڪچڻ تي چاهيان.

جهان آرا بتول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايس ڪي ڪورائي

پورو نالو: صاحب خاتون ڪورائي

والد جو نالو: رضا محمد ڪورائي

جنم ڏڻ: 7 مئي

جنم هنڌ: قاضي احمد

تعليم: ايم.اي (پوليٽيڪل سائنس)

روزگار/ ڪرت: سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن دولتپور

وندر: لکڻ پڙهڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: شاهه جو رسالو پسنديده صنف: غزل پسنديده

ليکڪ/ ليکڪا: شيخ اياز

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1992 کان لکڻ شروع ڪيم

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: شيخ اياز کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (30) مضمون (20) ڪالم (10) ڊائري (50)

شاعري: غزل (300) وايون (100) نظم (50) چوسٽا (150)

شايع ٿيل ڪتاب: ڪو به نه

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪو به نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پڇيم پاڙي وارئو سڄڻ ڪيئن آهن
جنهن سان گذاريا گهڙا ڏينهن آهن

چيائون اي پاڳل پڇين ڇو ٿي ان جو
انهيءَ کي لڳي ويا نوان نينهن آهن

پنهنجا پيار نالي تي رشتا ڳنڍيل ها
اوهان جي نظر ۾ اهي ائين آهن

اوهان جون جي يادون هيون من اندر ۾
وري رات ڇيڙيون اهي مينهن آهن

تو راهن ۾ گلڙا تہ هر ڪو وڇائي
وڇايا نہ ڪنهن نيڻ مون جيئن آهن

جتي اوچتو اڳ هيون پاڻ قاتيون
اکيون يار اٽڪيل اتي تيئن آهن

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

کلڻ تي بہ چئي ٿو کلڻ ڪار ناهي
روئڻ تي بہ چئي ٿو روئڻ ڪار ناهي

رلائي ڇڏيو تس کيان ڇا مان هن کي
کيان ٿي تہ چئي ٿو کيڻ ڪار ناهي

عذابن کان بهتر پلو موت آهي
مرڻ تي بہ چئي ٿو مرڻ ڪار ناهي

گهڙيون کي مان هن سان گذارڻ ٿي چاهيان
رهڻ تي بہ چئي رهڻ ڪار ناهي

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هي ڪھڙو آهي آخر سنسار دوستو
ڪنھن سان نہ آهي ڪوئي وفادار دوستو

مقدر ۾ ڪين ها، سو سڳھيا ملي نہ آهيون
ڀرپور مون تہ ڪيو هو ڪجھہ پيار دوستو

هر ڪوئي هت غمن سان ڀريو پيو آهي سائين
ڪوئي نہ هڪ آ ڪنھن جو غمخوار دوستو

مرڪن تہ موڪلايو "ايس ڪي" آهي اسان ڪان
ٻٽيا هي درد دل لئہ آزار دوستو

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تون لهرن کان پيجان ڪنارن کان پيجان
پيجان منا تون ستارن کان پيجان

جڏي تولئہ ساري دنيا مون پلاڻي
نيڻن کي ننڊ نہ آ نهارن کان پيجان

ڪيو پيار توساڻ سچو پيار آهي
هي ڏينديون گواهي بهارن کان پيجان

سوا تنهنجي دل کي گهڙي چين ناهي
حقيقت اها تئي هوائن کان پيجان

سکي ساهہ تولئہ سندم "ايس کي"
اها ڳالهہ "ڪورائيءَ" پارين کان پيجان

ايس کي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مون پنهنجي ذات ٻه توکي ارپي سانورا
جا لکي آهي ڏات ساٻه توکي ارپي سانورا

جنهن رات ۾ رسي وئين مون کان تون
يادن جي رات ٻه توکي ارپي سانورا

توکي چمڻ لاءِ چکور ٻنجي ننڊ ڦٽايم
چمي نه سگهيس لات ٻه توکي ارپي سانورا

توجو کسڻ چاهيو مون کان پنهنجو پيار
پيار جي سا پرڀات ٻه توکي ارپي سانورا

جڏ لوڪ وارن جون وساري سڀ ڳالهيون
مون ته پنهنجي آهي بات ٻه توکي ارپي سانورا

جي ٻڌي سگهين ڪا منهنجي ڳالهه مٺا
پيار ۾ مون جذبات ٻه توکي ارپي سانورا

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪو خواب لهان ٿي تہ اکيون پرجي اچن ٿيون
چرڪي جي اٿان ٿي تہ اکيون پرجي اچن ٿيون

تنهنجي نانءُ لکڻ تي بہ پيون پابنديون آهن
پيو نانءُ لکان ٿي تہ اکيون پرجي اچن ٿيون

توسان جا شام گهاريم سا ڪيئن وسرندي؟
خط تنهنجا پڙهان ٿي تہ اکيون پرجي اچن ٿيون

توکان تہ سوا منهنجو جيئڻ تي پيو ڏکيو
ڪو ڪلندي ڏسان ٿي تہ اکيون پرجي اچن ٿيون

محفل ۾ ميڙ آهي ماڻهن جو "ايس ڪي"
توکي نہ پسان ٿي تہ اکيون پرجي اچن ٿيون

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هتي صرف توکي تي چاهيان صنم
مگر تنهنجي دل ۾ نہ آهيان صنم

سڄي سوچ منهنجي پسم تي وئي
ڪتان لفظ گيتن لاءِ آڻيان صنم

سوا پيار جي بيو نہ ڪجهہ آهي مون وٽ
تورا تنهنجا ڇا سان مان لاهيان صنم

سوا تنهنجي دل ۾ نہ بيو "ايس ڪي" آ
بيو دل ۾ ڇا لاءِ رهايان صنم

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

کنھن سان نيڻ ملائي وينس
پنھنجو پاڻ وڃائي وينس

آس اندر ۾ ساندي ساندي
پنھنجو جيءُ جلائي وينس

مون کي ٻڌائي ھيڪل ويو ھو
پاڻ تان لوڪ کلائي وينس

توکي ذرو احساس نہ منھنجو
تنھنجي مان تہ سڏائي وينس

سک نہ آ ”کورائي“ گھڙي کو
دل جو چين ڦٽائي وينس

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هو هڪ شخص دل جي نگر ۾ رهي ٿو
جدا آهي تنهن کان نظر ۾ رهي ٿو

انڌيري ۾ روشن ڏيئي مثال آ
ڪنڊڙ پيار هر ڪو سحر ۾ رهي ٿو

اولاري ٿو مونتي هو لفظن جا پٿر
مگر خود شيشي جي گهر ۾ رهي ٿو

هتي ماندي هن لئه مري "ايس ڪي" تي
هتي هو به منهنجي فڪر ۾ رهي ٿو

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مان رنس يا هو رنو کهڙي خبر
ڪنهن جو هو دامن پنو کهڙي خبر

سوچ آ ڪجهه درد آ ڪجهه انتظار
پيار آ سڀ ڪجهه ڏنو کهڙي خبر

نيڻ نيڻن سان ملائي ئي نه ٿو
ڪنهن جي نيڻن کان ڊنو کهڙي خبر

مان ته راهن ۾ اجان ڀٽڪان پئي
ڪوئي منزل تي پنو کهڙي خبر

ظاهر ۾ هو ته خوش آيو پئي نظر
دل ئي دل ۾ پئي رنو کهڙي خبر

باغ ۾ تفريح لاءِ ڪيئي اچن
گل چنو پر ڪنهن چنو کهڙي خبر

ايس ڪي ڪورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عائشہ مسرت

پورو نالو: عائشہ شيخ

والد جو نالو: شيخ امداد علي

سالگرہ ڏڻ: 12 آگسٽ

جنم هنڌ: شهر لقمان- ضلعو خيرپور ميرس

تعليم: مئٽرڪ پاس

روزگار/ ڪرت: في الحال تہ ڪوبہ نہ

وندر: شعرو شاعري ڪرڻ - سٺا ڪتاب پڙهڻ.

اوهان جو پسنديده ڪتاب: خواب اکين جي شاعري پسنديده صنف: غزل-گيت

پسنديده ليکڪ/ ليکڪ: رحمت الله ماجوٺي ۽ ماهتاب محبوب

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي:

1992 کان باقائدي لکڻ شروع ڪيم

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو:

پنهنجي والد کان منهنجو والد هڪ سٺو شاعر آهي.

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (15)

شاعري: غزل (150) گيت (60) وايون (40) نظم (100) چوسٽا (200)

ٻيون: ڪجھ شاعرن جي شعرن جون پيروڊيون ۽ ڪجھ مزاحيہ انٽرويوز بہ لکيا آهن

شايع ٿيل ڪتاب: : ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اسان نينھن ناتو نڀائڻ ٻه ڄاڻون
ءِ ھن پار ڪشتي پڄائڻ ٻه ڄاڻون

اسان چاھہ سر عام ڪري سگھون ٿا
مگر راز دل جا لڪائڻ ٻه ڄاڻون

اسان ڪي پيار تي آ پڪو پروسو
پراون ڪي پنھنجو بنائڻ ٻه ڄاڻون

اسان ڪي شرارت ۾ ايندو مزو آ
اسان عزت پنھنجي بچائڻ ٻه ڄاڻون

پرائي ڪمائي نہ ڪائون، ڪپايون
اسان پاڻ لوڄي ڪمائڻ ٻه ڄاڻون

نہ پرواھہ دنيا ۾ ”عاشيءَ“ ڪي ڪائي
اسان پنھنجو جيون سجائڻ ٻه ڄاڻون

عائشہ مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اوهان جي خيالن ۾ گم ٿي وياسين
اوهان جي خوابن ۾ گم ٿي وياسين

گلابن مثل آهي چهرو اوهان جو
گلابي گلابن ۾ گم ٿي وياسين

اوهان سان مخاطب ٿياسين جڏهن به
سوالن جوابن ۾ گم ٿي وياسين

اوهان بي وفا هئو ڪونه اسان کي
اسان تن خطابن ۾ گم ٿي وياسين

ٻه اکيون نهارن پيون دور ڪان ڇو
هي ڇاٽي حجابن ۾ گم ٿي وياسين

عائشه مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

قتا پر پکيءَ کي اڏڻ جي کيائين
ملي ولر سان گڏ نچڻ جي کيائين

سڄو ڏينهن سائين خوشيءَ سان گذاري
وري ماڳ پنهنجي ورڻ جي کيائين

اڏي چار ماريءَ کيو کيس قيدي
کري کوڙ کوشش پڄڻ جي کيائين

ڏسي قيد پڃري ۾ خودکي، اداسيءَ ۾
وهائي ٻہ ڳوڙها روئڻ جي کيائين

مٺان پنهنجي اڏندي ڏٺائين جو پنهنجا
کري دانهون تن کي سڏڻ جي کيائين

عائشہ مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

زمانو تو ڪري نفرت اسان ڪان
وئي آهي رسي مسرت اسان ڪان

اجا تا گيت آلاپجن پراڻا
وئي وسري آهي جدت اسان ڪان

اسان ڪي ئي ڇو رڳو صدما ملن تا
تي امتحان وني قدرت اسان ڪان

نہ دل سان چاهبو جيون ۾ ڪنهنکي
وري ٿيندي نہ ڪا غفلت اسان ڪان

ڪندو جي ڪير آ دوکو اسان سان
ملي تنهنکي بہ تي محبت اسان ڪان

گهڻي ڪوشش ڪري عاشي ڏنيسين
آهي ليڪن پري نصرت اسان ڪان

عائشہ مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مري جي وڃان ڪيس جلدي ٻڌائجو
گھڙي پل رکي لاش پوءِ دفنائجو

اڃي هو وڃي اگر منهنجي تڏي تي
تہ سائس پيار سان ڪلي ڳالهائجو

اوسيئڙي ۾ هونديون اکيون کليل
منهن تي نہ مونکي ڪفن پارائجو

هيءَ وصيت ڪجو ياد منهنجي عزيزؤ
گھٽو روح منهنجو نہ رڻ ۾ رلائجو

عائشہ مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيئن ياد تنهنجي دعائن ۾ آهي
اهوئي تہ دل جي صدائن ۾ آهي

ڪٿي خط وجي ڪو پڄائن پرينءَ کي
رکي آس اهڙي هوائن ۾ آهي

مڃي ڪونہ ڳالهہ آ اڃا تائين ڪنهن بہ
گذر تي عمر التجائن ۾ آهہ

هزارين خوشيون ڏيو ڇو نہ آڻي
مزو فقط ان جي ادائن ۾ آهي

اڃي موت ويجهو تيو آهہ عاشقي
رذل لوڪ پوءِ بہ صلاحن ۾ آهي

عائشہ مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ساز جي ڪجهه آوازن تي
چير وڳي آ رقص ٿيو آ

ڏسڻ ۾ هر ڪو عزت وارو
ڪو، ڪو بچڙو نفس ٿيو آ

ٿهڪن سان پُرِ محفل ۾ پي
ويڳاڻو ڪو شخص ٿيو آ

اکيون ٻوٽي ٻيهر ڏٺئي
آڏو ڇا جو عڪس ٿيو آ

مرڪي قمر اجازت ورتي
نروار اجهو شمس ٿيو آ

عائشہ مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

چو ڪيان هاڻي ڪشالا بي وفا لئه
چو ڪيان مان نيڻ آلا بي وفا لئه

پنڌ ڏاڍو آ پري ڪيئن مان وڃان
تي پوندا پيرن ۾ ڇالا بي وفا لئه

خون باري مون ڪئي روشن وفا!
مون ڪيا ڪافي اجالا بي وفا لئه

روح زخمن سان پيو تي چور آهي
مون سنا مهڻن جا پالا بي وفا لئه

عائشه مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اڪيلا بس اڪيلا ٿي پياسين
رلي راهه ۾ هميشه لئه وياسين

نه ڄاتو چاهه آهي چيز ڪهڙي
صفا اڻڄاڻ ڪجهه پاڳل هئاسين

اسان سان ڪنهن نه ڪڏهن ٻي نڀايو
اسان سڀ واعدا پورا ڪياسين

فقط آئيڊيل تون، آ ڇيو سين
سدائين قول تي قائم رهياسين

ڇڏي ڏي هاڻ عاشي فڪر سارا
گهٽئي پل اوسئيڙي ۾ ڪٽياسين

عائشه مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اگر ڪنهنکي چاهبو آ
نينهن ڪنهن سان لائبو آ

دل گهرئي ان دلربا کي
پوءِ دل ۾ رهائبو آ

هير يادن جي گهلڻ تي
گيت منڙو ڳائبو آ

ڏار ڪوئي تي وڃي جي
ويس گيڙو پائبو آ

ڪڏهن يادن ساڻ عاشي
روح کي وندرائبو آ

عائشہ مسرت شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امينہ ناز پٽي

پورو نالو: امينہ ناز

والد جو نالو: حاجي نبي بخش پٽي

سالگره ڏڻ: 5 آڪٽوبر

جنم هنڌ: ڳوٺ موروريو خان پٽي

تعليم: بي. اي

روزگار/ ڪرت: سرڪاري ملازم

وندر: ڪتاب پڙهڻ ميوزڪ ٻڌڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: بند دروازو پسنديده صنف: آزاد نظم پسنديده ليکڪ/ ليکڪ: امرتا پريتم

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 95 کان لکڻ شروع ڪيم

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: عادل سخيراڻي، استاد بخاري جي شاعري ۽ ٻين ڪتابن پڙهڻ ڪانيوءِ لکڻ جو شوق پيدا ٿيو.

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (20) مضمون (5) ڊائري (25)

شاعري: غزل (50) وايون (30) نظم (25) چوسٽا (18)

ٻيون هڪ ناول جيڪو اجان مڪمل ناهي ٿيو

شايع ٿيل ڪتاب: ڪتاب جو نالو: ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

دعــائن ۾ اهــو اثــر هــاڻي رهيـــو نــاهي
ڪنهن کي ڪنهن جو قدر هاڻي رهيو ناهي

ويــو ڪجهـي اعتبــار اســان جــو رشــتن تــان
محبت جو زبان تي ذڪر هاڻي رهيو نـاهي

اڄ ڪلهـ اجڙيـل هــر دل جــو دڪــان آهــي
سڪ جو سودو وفا جو وکر هاڻي رهيو ناهي

منظـر عجيـب ســارو صحــرا جيــان چمــن آ
سهڻو سڪون وارو منظـر هـاڻي رهيـو نـاهي

مـن جـي اجـاڙ موسـم، پيـاسـو رهيـو انـدر
بونـد بهـارن وارو ککـر هـاڻي رهيـو نـاهي

امــن اوڇتـــو ويـــو اڏامـــي وحشـــت وڌي
الفت سندو "امينـہ" شـهر هـاڻي رهيـو نـاهي

امينہ ناز پيٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

غزل هن وقت ۾ هن دور تي ڇا لکان؟
ساوڻ جي گهٽا گھنگور تي ڇا لکان؟

لڳي پيو ڪاٽ هر ڪنهن کي اندر مان
ٻاهر جي ڪنهن چورتي ڇا لکان؟

رهي هر نظر رڳو جنهن جي پيرن تي
تنهن وقت جي مورتي ڇا لکان؟

ٽٽندو نيٺ هڪ ڏينهن سڀڳو ساهه جو
انهي زنگيءَ جي ڏور تي ڇا لکان؟

ٻڌيا جيڪي سبب اسان جي بيماريءَ جا "امينه"
تن جي وري پر گهور تي ڇا لکان؟

امينه ناز ٻٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

نہ تيس مارئي نہ ٿي ڄي سگھيس هير
رهي رشتن جي بيڙي سدائي وچ سير

نہ ٿي اورانگھي سگھيس حدود حياءَ جون
نہ ٿي ٽوڙي سگھيس رسمن سندي زنجير

ڪري وينس ايتري خطا، ٿي مجبور دل هٿان
وسائي وينس اکين ۾ صنم سندي تصوير

ڪجھہ درد سڏڪا، تنهائي دوکو ۽ جدائي
بس اڄ تائين اهو ٿي سڀ اربيو آ تقدير

هڪ مونسان ٿي منهن ۾ گھنڊ آهن ڪي
باقي تہ بين سيني سان رهي تو ڪنڊ ڪير

اڄ تائين اهو ٿي ڪندي آئي آ "امينہ"
چوندو رهيو هن ڪي جيڪو پنهنجو ضمير

امينہ ناز پٺاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سوچون ۽ سپنا ساتي منهنجا
قلم ۽ ڪجهہ پنا ساتي منهنجا

محفل ۾ نہ ريجهي روح پنهنجو
ڪنڊون ۽ ٻاهريان ٻنا ساتي منهنجا

رهيو رڳو اکڙين ۾ عڪس تنهنجو
تنهنجي ساراهہ ۽ ٿنا ساتي منهنجا

ٻڌيا جدائيءَ جا سبب هن ڪان
ڪجهہ اصول ۽ انا ساتي منهنجا

جيڻري ڪنهن قدر ڪونہ ڪيو ”امينہ“
ڇا ٿيو جو مُئي رنا ساتي منهنجا.

امينہ ناز ٻٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

آڙاهہ اندر ۾ درد جو ڀري پيو
هر گهڙي ڪوئي توکي ياد ڪري پيو

مون تہ مڙئي ائين ڳالهہ پئي ڪئي
ڇو وجي هو ايترو ڀري پيو

ڇا ڇوان توبن او ساجن سائين!
ڪيئن وقت اسان جو گذري پيو

توسان ملڻ جي آس جو سج
روز لهي روز ٿي ايري پيو

هر حال ۾ "امينہ" ويندي نيائي
پر صحيح نہ آ جو ڪجهہ هُو ڪري پيو

امينہ ناز ڀٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

خواب اسان جا چور تي ويا ڇاجي ڪري؟
هو ائين ايڏو ڏور تي ويا ڇاجي ڪري؟

هئي حيثيت بنهي جي هڪ جهڙي
پوءِ هو ايڏا مغرور تي ويا ڇاجي ڪري؟

اڄ تائين رڳو سچ عام نه تي سگهيو
قربان سچل ۽ منصور تي ويا ڇاجي ڪري؟

هيا هر زخم تي رکيل همدردي جا ڦها
پوءِ زخم اهي ناسور تي ويا ڇاجي ڪري؟

اڄن هڪ ڀيرو سامهون اسان جي "امينه"
پڇون خفا حضور تي ويا ڇاجي ڪري؟

امينه ناز ٻٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

نفرتن جي تيز هوا ۾ وکري وئي آهيان
لڳي تو سيني کان مان وڇڙي وئي آهيان

نہ سگهيس جنهن کي وساري هر پل دل جنهن کي ساري
اڄ انهيءَ کان مان وري وسري وئي آهيان

جنهن جي شهر مان نڪرڻ هيو مونلاءِ مشڪل مرڻ
پر اڄ انهيءَ جي دل مان ئي نڪري وئي آهيان

منهنجو نہ هو انجام اهو مون وٽ هو وقت جام
پر مند کان اڳ ئي اکري وئي آهيان،

سڀ ڪجهہ اربيم جنهن کي ڪيئن چوان مان تنهنکي
صرف تنهنجي ڪري مان اجڙي وئي آهيان

امينہ ناز ٻگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جـڏهن ڪـان توسـان چاهـ تـي ويـو
هـن زندگـيءَ سـان ٻـ ناهـ تـي ويـو

اڳ هيـو جيڪـو مـنزل هـسُـن جـي
سـو اڄ انهـي لاءِ راهـ تـي ويـو

پلـي نـ مـل مونسـان نـ ڏس مونـڏي
پر ڦهريان ٻڌاءِ سرزد ڪهڙو گناهہ تـي ويـو

هئـي سوچ ۽ طبيعت ٻنهـي جي جدا جـدا
پر پوءِ بـ شـڪر آ ٻنهـي جـو نيـاءُ تي ويـو

جڏڪيو ذڪر اسان پنهنجي وفـاجو محفـل ۾
چئـن ئـي طـرف واهـ واهـ تـي ويـو

گهٽـائي مـاٺهو مليـا اسـان سـان "امينـہ"
پـر پيـار اوهـان سـان ئـي بيپناهـ تـي ويـو

امينہ ناز پٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

زندگيءَ جي هر راھ ۾ ناڪامي ملي
تنهنجي بہ چاھ ۾ ناڪامي ملي

دل دوست جيءَ ۾ هيو دوکو شايد
تہ ڏهن ئي تہ ويساھ ۾ ناڪامي ملي

مچندو رهيو شڪ جو مچ هميشہ من ۾
برهہ سنڌي باھ ۾ ناڪامي ملي

ٿي ايڏي خطا مونکان يا هن کي هئي بيزاري
جو ٻنهي کي ناھ ۾ ناڪامي ملي

تنهنجي ديدار سواءِ ويو دم اسان جو
"امينہ" کي آخري پساھ ۾ ناڪامي ملي

امينہ ناز ٻٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪنهن چيو انا پسند ڪنهن چيو خود سر آ،
ائين بيان تي، پنهنجي وصف مختصر آ.

اجان سمجهي پيو مياري مونکي،
حالانڪ هر حقيقت جي هن کي خبر آ.

محبت جي معيار تي نه لهي سگهيس پوري،
تڏهن ئي ته ڦيري هن مونکان نظر آ.

ساندي رکي آ ڪيڏي سچائي سيني ۾،
پوءِ به هر آهه اسان جي بي اثر آ.

سک سان شايد نه جيئڻ ڏئي مونکي،
هيءَ بي اعتباريءَ جي جيڪا بڏتر آ.

امينه ناز پٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرزو عباسي

پورو نالو: بينظير عباسي

والد جو نالو: ديدار علي

سالگره ڏڻ: 3 اپريل

جنم هنڌ: تعلقو وارهه

تعليم: انٽر

روزگار/ ڪرت: ڪجهه نه

وندر: لکڻ ۽ پڙهڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: ڪلام پاڪ پسنديده صنف: غزل

پسنديده ليکڪ/ ليکڪا: امجد اسلام امجد

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 2001ع باقائده لکڻ جو آغاز

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: ڪنهن کان به نه

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (3) ڊائري (4) پيون ڪيتريون ئي

شاعري: غزل (30) گيت (4) وايون (5) نظم (8) چوسٽا (8)

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبه نه

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبه نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

خوشبو جهڙو ماڻهو مليو افساني ۾
سالن کان رکيل کنهن خط پراڻي ۾

هو خيالن ۾ گم سم ائين هو بلڪل
جيئن کو لڪيل هو تهخاني ۾

هن جون يادون تو تازيون کريان
دل ۾ من جي سونهن خزاني ۾

هن جي رنگين تصوير کي سکي
وڃايو هو کتي مون انجاني ۾

اڄ هو دور رهيل آ مونکان
رهندو هو جيکو دل جي خاني ۾

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پڇي تو ائين ڇو رهندي آهيان
محبت ڪرڻ کان ڇوٿي گهٻرايان

هيڏي خوبصورت دلڪش دنيا آ
ڇو ان کي بي رنگ ٿي پايان

خوشيون چوطرف آهن منهنجي
چوني ٿي پوءِ آءُ مسڪرايان

ڪيترائي خوبصورت ماڻهو حاضر آهن
تن مان ڪنهن کي چونڊ ٿي چاهيان

آخر توکي ڪهڙو غم آهي
"آرزو!" اهو سڀ توکي ٻڌايان

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

محبت، محبت ڪري ڪير ٿو
زمانو رهندو وجهي وير ٿو

ڪارو ڪاري مرن ٿا روز هتي،
پيار آهي جو ڪٿي ڪير ٿو؟

پاڻ پيار ٻڌايائين وڏي واڪي
پيڻ ڏيءُ کي چوڻ ڏئي ڪير ٿو

هتي هٿ نوڪ ريتون هلن تيون
انسانيت کي تسليم ڪري ڪير ٿو

ڇُپ تي الزام، ڳالهائڻ تي بدنامي
ان رُوشِ کي ماري ڪير ٿو

جنهن انسان جا حق پورا ڪيا عظيم آ
اهو فرض پر هٿ ڄاڻي ڪير ٿو

لت، مار، مڪ کي مردانگي ٿا سمجهن
آرزو، عورت جي عزت ماڻي ڪير ٿو

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تون بہ مون وانگي بيوس هونديـن
مونکي پـڪ آ لڇندو هونديـن

اندر جا اٿندڙ ارمان ۽ آهون
ڪيئن نہ دلبر تون ٻڏندو هونديـن

هر روز توکي ياد منهنجي ايندي
وڃي رات ڪان جڏهن پڇندو هونديـن

اوچتو جڏهن آواز خيال ۾ ٻڌنديـن
تڙپي هيڏي هوڏي ڏسندو هونديـن

ڪيڏو بہ دور وڃين، آرزو، ڪان پرين
واپس ورڻ جو سوچيندو هونديـن

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پيار ڪان وڏيڪ توکي پيار ڪيو
غم هجي يا خوشي ياد باربار ڪيو

توبن منهنجي زندگي ڪجهہ نہ آهي
ان حقيقت جو اقرار ڪيو

پهريون ۽ آخري پيار آهين تون
اهو مون توسان اظهار ڪيو

هر هڪ رات لچندي اتم گذري
تنهنجي يادن ايترو تہ بيقرار ڪيو

پل پل بدلجندڙ روين تي
آرزو، توسان نماڻو تڪرار ڪيو

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

محبت ۾ ڏنل لڙڪ پيارا لڳن ٿا
خزان ۾ بادل بوند وارا لڳن ٿا

تنهنجي شاعري ڇپن سان ڇهڻ پڇاڻان
ڇپ ٻه چڻ ساهوارا لڳن ٿا

اکين جي ڇانئَوَ ۾ ته رڳو تون ئي آهين
ٻي نورهي سارا نظارا لڳن ٿا

مونسان ڪيل سڀ واعدا تنهنجا
محبت جا اڏيل ڪي منارا لڳن ٿا

اڄڻ تنهنجو مونلاءِ خوشيون ئي خوشيون
ڳالهه وڃڻ واريءَ سان گهارا لڳن ٿا

آرزو، سان ويهي جيڪي واعدا ڪرين ٿو
قيامت جا ٻه سي ڇڻ سهارا لڳن ٿا

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تنهنجي يادن کان ڇوٽڪارو ملي ئي نٿو
توکي وسارڻ جو ڪو بهانو ملي ئي نٿو

زندگي وڌي هڪ آ صحرا تي وئي
گهاٽي ڇانو وارو ڇانورو ملي ئي نٿو

هن کي لفظن ۾ لکي تڪجي پئي هان!
ڇوڙ تي سندس ڪو سهارو ملي ئي نٿو

ڇڏي اڪيلو زماني جي حال تي ويو
هتي منهنجو حال ڄاڻڻ وارو ملي ئي نٿو

اونداهو سارو آ جيون هي منهنجو
"آرزو" کو ڏيئو ٻارڻ وارو ملي ئي نٿو

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪڏهن جي شڪايت ڪيان تي مان
نظر ڪٽي سڀ ڪو وساري ڇڏي تو

بيمار تيندي جي ڏسي تو هي
صفا هانءُ پنهنجو هو ڳاري ڇڏي تو

ڪاوڙجندي لڳندي آهي توري دير
معاف ڪرائڻ، هاءِ ماري ڇڏي تو

محبت ۾ ڏک سک ته سهبا ئي آهن
دور وڃي پر هو ساڙي ڇڏي تو

آرزو، آهي مونکي انتظار انجو
ديدار جنهن جو اندر ناري ڇڏي تو

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

روشني چنڊ جي اداس ٿيندي ٿي
واسطو تنهنجو ڏئي پرڇائڻ آئي

هنجي بہ تو وانگي حالت آهي
پنهنجي سادگي سان اڇارڻ آئي

رات جڏهن طاري ٿي هئي هتڙي
حوصلي جا ڏيئا هوءَ ٻارڻ آئي

تنهنجا ٿهڪن پريل خزانا ڪٿي
مون متان اڇلائڻ آئي

"آرزو" بن پرديس ڏکيو آ ڏاڍو
تنهنجو سنديس ٻڌائڻ آئي

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اکيـــن خـــواب ڏســـڻ ڇـــڏي ڏنـــو
ڇپـــن هـــاڻي مرکـــڻ ڇـــڏي ڏنـــو

توکھـــڙو ســـلوڪ مونســـان ڪيـــو
اســـان اهـــو ٻڌائـــڻ ڇـــڏي ڏنـــو

هـــاڻي خوشـــيون ڏيـــن يـــا غـــم
زبـــان شـــڪوو ڪـــرڻ ڇـــڏي ڏنـــو

ٻـڌي ٻيـن جـون دانهـون ڪـو ڪـون
قصـــو پنهنجـــو ڪـــرڻ ڇـــڏي ڏنـــو

دور وڃـــي لڏئـــي نـــه ســـارڪا
اســـان راتيـــون لڇـــڻ ڇـــڏي ڏنـــو

واهـــون بنـــد تيـــل، بيـــوس آهيـــان
"آرزو" انـــلاءِ لکـــڻ ڇـــڏي ڏنـــو

آرزو عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاموش جنت گل هاليپوٽو

پورو نالو: بيبي جنت گل هاليپوٽو

والد جو نالو: گل محمد هاليپوٽو

سالگره ڏڻ: 21 اپريل

جنم هنڌ: ڳوٺ جڙيو هالو "سک پور"

تعليم: انٽر سائينس جاري

روزگار/ ڪرت: اسٽوڊنٽ

وندر: شاعري ڪرڻ، سوشل ورڪر ۽ سٺا ڪتاب پڙهڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: قرآن پاڪ ۽ شاهه جو رسالو پسنديده صنف: غزل

پسنديده ليکڪ/ ليکڪ: نورالهديٰ شاهه، خليل جبران

لکڻ جي شروعات ڪڏهن ڪان ڪئي: سال 2000 کان لکڻ شروع ڪيم

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: استاد بخاري جي شاعري ۽ هالار کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (10) مضمون (3) ڊائري (20)

شاعري: غزل (50) گيت (6) وايون (10) نظم (5) چوسٽا (10)

ٻيون مزاحيه شاعري ۽ مزاحيه مضمون

شايع ٿيل ڪتاب: ڪتاب جو نالو: ڪوبه نه

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبه نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سي ڏينهن وساريان ڪيئن گڏ توسان گهمڻ وارا،
احساس تہ ڪر تورو، اوسات چنڻ وارا.

جن خوشيون ڏنيون مونکي سي ڪيئن ڀلا وسرن
سڀ ياد آهن مونکي پل پيار ڪرڻ وارا.

ڪو وقت هو جو مون کان پل ڌار نہ رهندو هئين،
ڪيئن واعدا وساريا تو گڏ جيئڻ مرڻ وارا.

اڳ منهنجي اکين ۾ تون ڪو لڙڪ نہ سهندو هئين،
سي ڏينهن ڀلاءِ نہ تون مون لاءِ روئڻ وارا.

تون ياد اچا آهين "خاموش" ڪي سانولڙا،
وسري بہ ڪٿي سگهندين هن دل ۾ رهڻ وارا.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

راحتون ويون موڪلائي بي رخي تنهنجي ڏسي،
سڀ خوشيون ويون موڪلائي بي رخي تنهنجي ڏسي.

مان اڃا ويران راهن ۾ ڦران پئي روز شب،
منزلون ويون موڪلائي بي رخي تنهنجي ڏسي.

تو جو منهن ڦيري ڇڏيو هر طرف سنسان ٿيو،
موسمون ويون موڪلائي بي رخي تنهنجي ڏسي.

وٺين ڇڏي خاموش ڪي تون جيئن انڌيرن ۾ پرين،
روشنيون ويون موڪلائي بي رخي تنهنجي ڏسي.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جي دل تان لاهي سگهين، پل لاهي تون ڇڏجان،
سوڻلو نه وساريندين، پو روئي ڪين ڏجان.

سورن جي سهڻ جي ڪا همت نه رهي آهي،
هن درد ڀريءَ دل جو ڪو خيال پرين رکجان.

ڏک آهي ته بين ونگي آ تو بي وفا نه ڪئي،
چاچا ٻه چون ماڻهو پر تون ته گلا نه ڪجان.

هن ساهه ڪان وڌ توکي مون چاهيو هو منٺڙا،
ڪيڏيون ته ڪيون منتون تون مون ڪان جدا نه ٿجان.

ڪنهن جي ته چوڻ تي تون من سات ڇڏي ويو آن،
خاموش ڪي پلجي تون ڪڏ ياد پرين نه ڪجان.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجو سنگدل جڏهن کان صنم ٿي ويو،
مون کان منزل جو نقشوئي گم ٿي ويو.

ڪيئن دل کي وڻن هي دنيا جون خوشيون،
سارو سنسار ئي بي رحم ٿي ويو.

جي ڪري پيار سڄي ٿي ڪاري اها،
ڪيڏو عورت سان آهي ظلم ٿي ويو.

قوم پنهنجي اڃا ننڊ ۾ آ ستل،
ڪيڏو سنڌڙي تي آهي ستم ٿي ويو.

جيئن خاموش ڏي پاڻ آيو پرين،
ڪيڏو هن جو آ مون تي ڪرم ٿي ويو.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هر ڪو ويو آ منهنجو مٺائي مان تنها تي آهيان،
تنها تي آهيان، ڪيئن سور سٺايان.

اڄ منهنجي دل کي آٿت ڏئي ڪو،
اهڙو سڄڻ ڪو هجي، جنهن سان حال اوريان.

محبت جي بدلي نفرت ملي تي،
دردن پريون چا ڳالهيون ٻڌايان.

ناهي ڪو سهارو سوا تنهنجي دلبر،
ملي وڃ تون مون سان پٺي تي پڪاريان.

خاموش کي آ نهوڙيو وڇوڙي،
پريٓن کان پري ڄڻ صفا ڪجهه به ناهيان.

خاموش جنت گل هالپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيئن توکان ٿيندي ڏار، دل سڏڪي پئي،
ويا اجڙي هار سينگار، دل سڏڪي پئي.

چو سات ڇڏي وئين تون ساٿيڙا،
جيئان ڪنهن آڌار، دل سڏڪي پئي.

ڪهڙي ڏوهه جون مونکي سزائون تو ڏين،
نيٽين وهن ٿا نار، دل سڏڪي پئي.

ڪنهن روڪيو توکي وئين پيرو پڇي،
ويئه وسري پنهنجا پيار، دل سڏڪي پئي.

خاموش نگاهون آهن راهه ۾،
اچ جلدي تون دلدار، دل سڏڪي پئي.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تون سپنو سهانو اجاڙي نہ ڇڏجان،
سجائي نيڻن ۾ ڇڏي ڪين وڃجان.

دنيا جو آ دستور توڙڻ ٻہ دليون،
تون ڪنهن جي چوڻ تي ٻہ ناتو نہ ڇنجان.

مان جڳ ۾ جيان پئي سهاري تنهنجي،
پيارا! ڪري ٻي سهارو نہ ڇڏجان.

جيسين زندگي سات توساڻ رهندو،
مري جي وڃان پو ميارون نہ منجھان.

تنهنجو پيار منهنجو جياپو آ جاني،
ڏنل پيار مون کان منا ڪين کسجان.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجي دل کي جو ٽوڙي ويو ڏک ان جو ڪوناهي،
مون کان منهن جيئن موڙي ويو سو درد گهڻو آهي.

ڪيڏو آ پريشان ۽ تو ساهه پري تڏڙا،
ڪجهه ڪونه ٻڌائي تو، هن کي تي ويو ڇاهي؟

ان کان تو اگر پڇجي هڪدم تو وڃي هليو،
واريءَ تي لکي نالا هر ناهي تو هر ڍاهي.

منهن پنهنجي وينو کلي، کلندي تو وري روئي،
شايد هو ٻئي ڪنهن کي خاموش پيو ڇاهي.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پيلا اهڙي ڪهڙي هئي خامي اسان ۾،
پرين پيار تنهنجو نہ پائي سگهياسين.

حقارت پريل تنهنجي نظرن تي ماريو،
جڏهن آخري پيرو توسان ملياسين.

زماني جي خواري بہ سر تي ڪنئي سين،
سڄڻ پوءِ بہ توسان ملندا رهياسين.

خبر پوءِ پئي تہ چاهي جدائي،
جڏهن هجر جا گهاءَ گهرا سناسين.

ڏيان ڏوهہ ڪنهن تي آ قسمت ئي اهڙي،
رهي ويجهو توکي نہ مائي سگهياسين.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سوا تو گهڙي ڪا گذاري نہ سگهنديس،
سڄي زندگي مان سنواري نہ سگهنديس.

تنهنجي ياد مونسان سدا ساڻ رهندي،
ڪڏهن توکي سهڻا وساري نہ سگهنديس.

عمر ڀر ڪنديس مان تنهنجو انتظار،
مرڻ تائين ٻئي ڏي نهاري نہ سگهنديس.

زبان تي سدا نانءُ تنهنجو ئي هوندو،
ڪڏهن ٻئي جو نالو اچاري نہ سگهنديس.

لڳو نينهن توسان وري ڪونہ ٽٽندو،
ڪڏهن دل مان توکي ڏڪاري نہ سگهنديس.

خاموش جنت گل هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجده چانڊيو

پورو نالو: حسنہ پروين چانڊيو

والد جو نالو: اعتبار علي چانڊيو

سالگره ڏڻ:

جنم هنڌ: ڳوٺ جوابپور چانڊيو ضلعو شڪارپور

تعليم: مڊل پاس

روزگار/ ڪرت: پرت پرڻ ۽ سلائي ڪرڻ

وندر: سنا سنا ڪتاب پڙهڻ ۽ شعرو شاعري ڪرڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: شاهہ جو رسالو پسنديده صنف: غزل

پسنديده ليکڪ/ ليکڪ: امر جليل ۽ نور الهديٰ شاهہ

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1997 کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: استاد بخاري، شيخ اياز ۽ سائين زخمي چانڊيو کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

پيون مون ڪافي تعداد ۾ لکيو آهي. تقريبن ۽ سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هزارن جي تعداد ۾ لکيو آهي، لکان پئي ۽ ڪلندي رهندس انشاءَ الله تعاليٰ

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب:

ڪتاب جو نالو	صنف
(1) پيار ۽ پيڙاءِ	غزل، وائي ۽ چوسٽا
(2) جيئڻ ڪاڻ جيڏيون مون وڏا وس ڪيا	ڪهاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اسان کي ڇو در تان ڌڪاري ڇڏيو تئي،
پرين پيار پنهنجو وساري ڇڏيو تئي.

سوا تنهنجي سهڻا نہ منهنجي سري تي،
ڳڻتين ۾ مونکي تہ ڳاري ڇڏيو تئي.

سوين سور سرتي سهان تي سدائين،
رڳو راتو ڏينهان روئاري ڇڏيو تئي.

منا ماڻهو مونکي تہ مهڻا ڏين تا،
سڄو جان جگر يي ڇو ساڙي ڇڏيو تئي.

سڄڻ توکي "ساجده" هميشہ پئي ساري،
محبت ۾ منڙا تہ ماري ڇڏيو تئي.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڳنـڍي نينهـن نـاتو نيـائڻ تـا چـاڻون،
سـڄڻ لاءِ سـر پـي ڪپـائڻ تـا چـاڻون.

رکـي پـرت پيـاري اوهـان سـان او پيـارا،
ڪـوڙي دام هسـتي مٽـائڻ تـا چـاڻون.

سـوين سـور سـرتي اچـن پـل سـدائين،
تنهنجـي غـم الم ۾ تـہ گهـارڻ تـا چـاڻون.

ڪروڙين ڪري جي اسان سان هـو ڪـاوڙ،
مٺـو محـب پنهنجـو مجـائڻ تـا چـاڻون.

”سـاجده“ جـي سـاعت اوهـان جـي ئـي آڌر،
غمـن ۾ بـہ خـوش خـوش گـذارڻ تـا چـاڻون.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجـــي دل کـــي رنجــائي هليـــو وئيـــن،
ســـيج کنـــدن جـــي ســـجائي هليووئيـــن،

چاهــــ ۾ چريـــــو مونکـــــي بڻــــائي،
راهـــ ۾مونکـــي رلائـــي هليـــو وئيـــن.

دل جـــا زخـــم ناســـور ويـــا بڻجـــي،
ويتـــر ســـور وڌائـــي هليـــو وئيـــن.

کهـــڙي ڏوهـــ جـــي ملـــي ســـزا هـــيءَ،
برهــ جـــي باهـــ ۾ جلائـــي هليـــو وئيـــن.

نئيـــن ســـج نـــوان ســـور "ســـاجده" کـــي،
ســـبب کهـــڙي ســـائين پلائـــي هليـــو وئيـــن.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گھڙي گھڙي جا گھاءَ سھان ڪيستائين،
توکان پري مان رھان ڪيستائين.

اوھان جي جدائيءَ ڇڏيو جيءُ جھوري،
يادن جو البم ڏسان ڪيستائين.

پنھنجن پراون ڏنا ڏک ھزارين،
سدا تير دل تي کاوان ڪيستائين.

آھيان مٽيءَ جو بت پٿر مان ناھيان،
ستم سور سرتي سھان ڪيستائين.

روح منھنجي ۾ روح متل آھي،
ڪوڙي ڪل مان ڪلان ڪيستائين.

ڇري تي ساجده اوھان کي پڪاري،
جدائي جي جيل ۾ جلان ڪيستائين.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مونکـــي تنهنجـــي ســـار اي ســـاجن،
ســـوا تنهنجـــي بيکـــار اي ســـاجن.

منـــد ملـــڻ جـــي وڇـــڙي ويـــا هيـــون،
هينئـــڙو ڦـــارئون ڦـــار اي ســـاجن.

درد نـــــــگر ۾ تنهـــــــا آهيـــــــون،
ڏيـــان تـــہ کوئـــي ڏار اي ســـاجن.

چـــاهت ٽينـــدي چـــري تـــہ آهـــي،
هيـــانءَ نـــہ منهنجـــو ڏار اي ســـاجن.

”ســـاجده“ ســـکندي عمـــر گـــذاري،
چـــاندي تـــي ويـــا وار اي ســـاجن.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

داغ دل کـي تـو رسـايا هـن پريـن،
مـاڳ تـو تـي پيـا وسـايا هـن پريـن.

موتـي مـور نـه ايندس کـڏهن،
رسـا مـا تنهنجـا اجايـا هـن پريـن.

برهـه جـي باهـه ۾ تـي اکيلـي جـلان،
پـاند ڳوڙهـن سـان پسـايا هـن پريـن.

عکـس تنهنجـو دل ۾ رهنـدو سـدا،
سـپنا تـولاءِ مـون سـجايا هـن پريـن.

ٽينـدو چاهـه صفـا آهـي چريـو پريـن،
حال کهڙا پنهنجـا ڏس بنايـا هـن پريـن.

گـل خوشـبو بـن آ اڏورو "سـاجده"،
تنهنجي بيوفائيءَ تي گيت ٺاهيا هن پرين.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اسانجو تہ تون ئي سڄڻ آن سھارو،
پلي جان ڪري ڇڏ اسان ڪان ڪنارو.

پري ڪانہ تيندم پرين توڪان پيارا،
منھنجو ساھ توہر سائين آھہ سارو.

ڇڏيو قرب تنھنجي آ قيدي بڻائي،
مٺا منھنجي من ۾ آ تنھنجو نظارو.

اسانکي تہ ماٺھو ڏين پيا ٿا مھڻا،
ڪٿي آھي دلبر تنھنجو دل وارو.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بي خوف بهارن کي ڏس تون،
ڪينجهر جي ڪنارن کي ڏس تون.

ڪيڏيون تيون لڳن سندر ساتي،
ڪونجن جي قطارن کي ڏس تون.

آ ذرتيءَ سائو ويس ڍڪيو،
قدرت جي نظارن کي ڏس تون.

ها تڙپن تا ۽ سڏڪن تا،
پرين جي پچارن کي ڏس تون.

”ساجده“ تي سڏي سڪ مان توکي،
پريت جي پڪارن کي ڏس تون.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پرين هي پيار منهنجو تون بهارن کان پڇي ڏسجانءِ
سچائي سچ، چنڊ ۽ ستارن کان پڇي ڏسجانءِ

نشانو تنهنجي نظرن جو بنجي ويس پرين پيارا،
زخمي دل هٿن ۾ آ نظارن کان پڇي ڏسجانءِ.

سچائي سوچ ماڻي تي ڪتابن ۾ پڙهيو هو مون،
جذبن جي پيڙائن ۽ مونجهارن کان پڇي ڏسجانءِ.

ڪيا ها ڪيڏا مون توسان واعدا وفائن جا،
وڃي ڪينجهر جي تون ڪنارن کان پڇي ڏسجانءِ

نه ايندو توکي پروسو مون تي جيئري اي جانيئڙا،
مئي کان پوءِ ڪنهن جي تون سهارن کان پڇي ڏسجانءِ.

سالن کان پوءِ "ساجده" ڏي اچين هڪ ڀيرو جي ساجن،
سڪ ڏاڍي آ سيني ۾ قولارن کان پڇي ڏسجانءِ

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ستم تنهنجا سهڻا سائين سهڻ کان ٿي چڙهي ويا هن،
زبان منهنجي تہ لرزي ٿي چوڻ کان ٿي چڙهي ويا هن.

منهنجي تون حال جا مالڪ منا تون حال ڄاڻين ٿو.
زخم تنهنجا نقش دل تي ڌهڻ کان ٿي چڙهي ويا هن.

ڪڪر جيئن چنڊ کي وڙي [illegible] لو ڪٿون لڪايان ٿي
آهيان قاصر ٻڌائڻ کان لکڻ کان ٿي چڙهي ويا هن

منهنجي دل جي دري کولي، ڏسين جي يار تون هيڪر،
ستم تنهنجا ۽ سپنا سڀ ڏسڻ کان ٿي چڙهي ويا هن.

منهنجي رت ۾ رڳن ۾ "ساجده" رهين ٿي عڪس وانگي تون،
ڏنل مونکي زخم تنهنجا چٽڻ کان ٿي چڙهي ويا هن.

ساجده چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايس نسيم ميمڻ

پورو نالو: نسيم ميمڻ

والد جو نالو: محمد حسن

وَرُ: سڪندر علي جروار

جنم ڏڻ: خميس

جنم هنڌ: مورو

تعليم: بي ايڊ ۽ ايم اي

روزگار/ ڪرت: ٽيچر

وندر: لکڻ پڙهڻ، ريڊيو جا معلوماتي پروگرام ٻڌڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: شاهه جو رسالو پسنديده صنف: ڪهاڻي پسنديده

ليکڪ/ ليکڪ: امر جليل/نورالهديٰ شاهه

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1992 کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: امر جليل کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (120) مضمون (60) ڪالم (20) ڊائري (50)

شاعري: غزل (800) گيت (200) وايون (300) نظم (1000) چوسٽا (50)

بيون ٽيڙو -100- هائيڪا -50- وغيره

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب:

ڪتاب جو نالو	صنف
(1) آسمان ڏانهن	نثر: ڪهاڻيون
(2) تون ۽ مان	شاعري: غزل ۽ نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هي راز ڪير ڄاڻي، ڪنهن جو قصور هو
ٽٽي ويو سو سهارو، جنهن تي غرور هو

هو ڳڻ هو ته، ڪاشئي نه وٽندي هئي ٻي،
عجيب ڳالهه هئي، يا قربت جو سرور هو

دل هن جي محبت سان، شادات هئي ڏاڍي
هن ڪان وڇڙي ويو ته، ڏک ڪان چور چور هو

اڪيون، زبان رهي خاموش ۽ هيءَ دل پي
جدائي ۾ من هيءُ ڪيترو نه مجبور هو

وڇڙي هو مون ڪان جڏهن ڏارين جو ٿيو،
آءُ هاڻ به آهيان اڪيلي، ڪهڙو قصور هو

”سنڌو!“ ان جي آ خوشي ته هو ڏارين جو ٿيو،
سچ آهي اهو به ته، ڪڏهن اسان جو غرور هو

ايس نسيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سونهن تنهنجيءَ جي ڪا ڪٿا ناهي
مان جي چوان ٿي ته ڪا خطا ناهي

چنڊ چوڏهينءَ جو آ ڪٽڙيل چهرو
جيڪو چيو مون اهو ڪو روا ناهي

پيار پنهنجو پراڻو آهي پرين
هن پيار جي ته ڪابه انتها ناهي

مان سڏيان بي وفا به ڪيئن توکي
ڪيئن چوان ته تو ڪئي وفا ناهي

تنهنجي ديدار لاءِ آءٌ ٿي پئي روز اچان
مون ”سنڌو“ ڪا اربع ڪئي خطا ناهي

ايس نسيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

کنهن جي ياد ۾ دل کي جلائي ڏسي ڇڏيوسين
هن اجنبيءَ کي پنهنجو بنائي ڏسي ڇڏيوسين.

لڳايا دنيا اسان تي نه ڇاڻ ڪيترا هڻ زخم
گهاءُ گهرو دل اندر هڪ لڳائي ڏسي ڇڏيوسين

ڪيئي زمانه گذريا اسان کي عبادت ڪندي
سيئي ٻهانن کي سيني ۾ سمائي ڏسي ڇڏيو سين

اڃا پڌاءِ تنهنجو ڪيترو ڪيان مان انتظار
انتظار ۾ پاڻ کي اسان مٽائي ڏسي ڇڏيوسين

ڪڏهن به سوچيوسين نه پوري ٿي دل جي آرزو
جيون جو رنگ سمورو وڃائي ڏسي ڇڏيوسين

ايس نسيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڏسي اداس روح کي هي اڏامي متان وڃي
حسين زندگي جي جوت اجهامي متان وڃي

ناهي ڪوئي پرو سو هن پنهنجي پرواز تي
آ پنهنجن کان پرائو ساز وڃائي متان وڃي

تون تہ نظر نٿو اچين نہ ٻڌين آواز منهنجو
آواز جي هيءَ تار آ، ڪو تند ٽاري متان وڃي

هي حسن، محبت، جوانيءَ جو سنگم آ "سنڌو"
آ هيڪر جيئڻ ڪو حسن بهاري متان وڃي

حسين زندگي منهنجي آ تنهنجي امانت منا
ڏجان ٿي امانت اها ڪو چورائي متان وڃي

ايس نسيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مون کي ان ڳالھ جي سڌ آه منا
سونھن تي ڪيڏو نہ توکي ناز آ

تنھنجو ڳالھائڻ آ مصريءَ جون تڙون
ڄڻ ڇيڙي ويو، سارنگيءَ جو ساز آ

تون منو اھڙو لڳين تو دلربا!
جيئن ڪوئل جو منو آواز آ

توکي ڏسندي آ ٺھي ويندو غزل
پيار پنھنجي جو وڏيو پرواز آ

پيار آھي زندگيءَ کان پي ڏگھو
ھي تہ ”سنڌو“ عشق جو آغاز آ

ايس نسيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هر غم مليو جوتو کان، چمندي رکيم اکين تي،
مون کي ڇڏي وڃين ٿو، پر ياد تنهنجي رهندي.

هيءَ ياد تنهنجي دل ۾، سانڍي رکي مون آهي،
دلبر آ سا حقيقت، دل تان ڪڏهن نه لهندي.

توکي پرين ڇيو هئم، تون لوڪ جي نه ٻڌجان،
تون بي سبب نه ڇنجان، آيس پٺي توکي چوندي.

دنيا ڇڏيو ڏکاري، منهنجي به ڇا دنيا سان
بي درد هن دنيا سان، تڏهن ته ناهيان نهندي

مٺبو اوس هي "سنڌو" دستور ديس وارو
ڪاري ٿي ڪابه عورت، بيوس پو ڪانه مرندي

/ ايس نسيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڇـا ڏسـيان توکـي منـا، منهنجـي تـو ۾ جـان آ،
تـون ئي آهيـن حـال محـرم، منهنجـو ئـي ايمـان آ.

آجيـان لاءِ منهنجـون، آسـون ۽ امنگـون پيـش هـن،
جـو اچـڻ جـو توکيـو، مـون تـي وڏو احسـان آ.

اڄ کـري درشـن، منهنجـن ديـدن ملهـائي عيـد آ،
تون جو آئين ٿيو کـَـنو، خوشين جو سڀ سامان آ

تنهنجـي دوري دلربـا، دل کـي کيـو دلگيـر هـو،
تنهنجـي آئـي پـورو ٿـي ويـو، دل جـو هـر ارمـان آ.

تون اچين منهنجي اڱڻ تي، پچن پاڙي واريون سڀ،
کيـر هيءُ "سـنڌو"، اوهـان وٽ ٿيـو اڄـي مهمـان آ

ايس نسيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

عمر ڀر ڏکن جي، گلن سان سجايم پاڻ کي،
ائين تنهنجي ياد سان ديوانو بنايم پاڻ کي.

ڀوءِ ڪنهن تصور خيال، جذبن کي جاڳايو جو،
تنهنجي ياد سان گڏ، سيني لاتم پاڻ کي.

پنهنجي ڏکندڙ، تنهائين کان گهبرائي مان،
رات ساري رنس ۽ درياءَ ۾ اڇلايم پاڻ کي.

ڪوئي نہ "سنڌو" سمجهي سگهيو هن درد کي،
پوءِ باهہ ۾، ڇو ائين ساڙايم پاڻ کي.

ايس نسيم ميمڻ/مورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گهڙي وات ڪانپوءِ، جو هو مليو خواب ۾،
ڪجھ وڏيڪ ڏک لکي ويو، منهنجي حساب ۾.

گلن جي خوشبو آئي ته ياد آيو،
اهو گل، جيڪو رکيو هو مون ڪتاب ۾.

پهريائين محبت، ڪي نڪرايو هن هئو،
هاڻي گهري تو پيار، پلا ڪهڙي حساب ۾؟

لکي ڪا خطا هوندي مون خط ۾،
ڪاغذ اڇو اڇي ويو، هن جو جواب ۾.

ڪو وقت هئو، سندس حسن هو پردي ۾،
هاڻي ڪجھ به ناهي هن جي نقاب ۾.

ايس نسيم ميمڻ/مورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪير آ خواب ۾ اچڻ تو چاهي؟
منهنجون اکيون آليون ڪرڻ تو چاهي.

مان ڪيو آ، ان پريڻ تي اعتبار،
جو محفل منهنجيءَ ۾ ويهڻ تو چاهي.

مونکي حاصل ڪري پوءِ جاني،
هو مون کي، وني وڃڻ تو چاهي.

هو پاڳل، سمجهي، مونکي چنڊ تو،
ستارن سان گڏ رهڻ تو چاهي.

موسمون متبيون تيون رهن،
هو منهنجي اکين ۾، تڪڙ تو چاهي.

ايس نسيم ميمڻ/مورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زاهده گل سومرو

پورو نالو: زاهده پروين سومرو

والد جو نالو: غلام محمد سومرو

سالگره ڏڻ: 2 مئي

جنم هنڌ: ڳوٺ غلام محمد سومرو

تعليم: مڊل پاس

روزگار/ ڪرت: گهرو ڪم ڪار

وندر: شاعري ڪرڻ ،سٺا ڪتاب پڙهڻ، پرت پرڻ ۽ سلائي ڪرڻ.

اوهان جو پسنديده ڪتاب: قرآن شريف پسنديده صنف: غزل پسنديده ليکڪ/ ليکڪ: زاهد شيخ

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1994 ريڊئي تان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: ريڊئي جا ادبي پروگرام ٻڌي ۽ ادبي ڪتاب پڙهي

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (5) مضمون (7) ڪالم (0) ڊائري (10)

شاعري: غزل (200) وايون (50) نظم (10) چوسٽا (14)

پيون: ريڊئي تي مختلف موضوع تي ننڍيون تحريرون ڪوڙ لکيم

شايع ٿيل ڪتاب: : ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڏک جدائــــيءَ جـــو ســــهي وينداســــين
اوهــان بــن يــادن ســان نهــي وينداســين

هــيءَ دنيــا بــه! مســافر خــانو، اســان بــه
مســافرن جيــان ٿــي رهــي وينداســين.

ڪلــي ڳالهــايو يــا منهــن ڦيرايــو پــر
ســچ هــر ڪنهــن کــي چئــي وينداســين

اســان جــي زندگــي آ ترنــدڙ ڪشــتيءَ ۾
پهچــي ڪنــاري تــي لهــي وينداســين

هــڪ ڏينهــن اســان بـــه اي زاهــده
واريءَ گهــر جيــان ڍهــي وينداســين

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

غيرن تي معيار کريان کهڙي
اسان تي ستم پنهنجن کيو آ

جنهن ڏار کيائون اسان کي
پيار ناتو ختم پنهنجن کيو آ

هٿن سان زهر جدائي پياريائون
اسان تي ڪرم پنهنجن کيو آ

دنيا ڳهاءُ ڏنا اثر کين ٿيو
دل تي زخم پنهنجن کيو آ

هاڻي پنهنجا ٻه ڏاريا لڳن تا پيا
تو منکي ڏار صنم پنهنجن کيو آ

کنهن کي لڙکن جو احساس نه آ
هي هيڏو ظلم پنهنجن کيو آ

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

وساري سگھون تہ وساري ڇڏجو
جيون خوشين سان گھاري ڇڏجو

رکجو نہ دل ۾ پنھنجي درد کو
پاڻ کي ڳڻتين ۾ نہ ڳاري ڇڏجو

پيار يادپون، پونئر گلن تي مڙن
انھن کي سکي پوءِ اڏاري ڇڏجو

ستائن يادون اوھان کي تڙپائن
تہ کين دل مان ڏکاري ڇڏجو

مرڪون ونون مرڪون ورھايون
مرڪ سان من کي اجاري ڇڏجو

ڪري نفرتون ختم محبت سان
ھن جڳ کي سنواري ڇڏجو

وساري نہ سگھئون تہ زاھده!
محبت جي ٻڏل ٻيڙي تاري ڇڏجو

زاھده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هٿ ۾ مون کي هڪ گلاب ڏئي ويو
سوال جو لڙڪ ۾ جواب ڏئي ويو.

الائي ڪهڙي راهه جو هو مسافر
ويندي جدائيءَ عذاب ڏئي ويو.

سپنو بنجي آيو منهنجي جيون ۾
هميشه لاءِ اڻپورو خواب ڏئي ويو

ڇڏيا مون هاڻي در دل جا بندي
نيڻن ۾ مون کي حجاب ڏئي ويو

ساهه سان "زاهده" سانڍي رکيو آ
يادن پريو جيڪو ڪتاب ڏئي ويو.

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مون کي ياد ڪيو ته هوندئي
سڏڪا ڀري سڏيو ته هوندئي

منهنجي آخري خط کي ساجن
ور ورجائي پڙهيو ته هوندئي

جڏهن ٻه هوندي اڪيلو تون
مون تي غزل لکيو ته هوندئي

شام جي لڙندڙ پاڇن کان
ڏس منهنجو مليو ته هوندئي

تنهنجي اداس ۽ ويران دل ۾
اميد جو ديپ جليو ته هوندئي

لکيل زاهده جو هر گيت
ڊائريءَ ۾ سانڍي رکيو ته هوندئي

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪري ڇڏ دل پنهنجي پڪي
ملڻ پنهنجي آ مشڪل سڪي

وڇوڙو پنهنجي نصيبن ۾ هو
لکڻ واري تقدير اهڙي لکي

جدائي اندر ۾ وجهي وِڌ ٽي
جيئن ڪاڪاتي وِڌي ٽڪي

گذريل وقت ياد ڇوڪجي
يادون دل ۾ نه ڇڏ تون رکي

اجايا هي آسرا ڇوٽي ڪرين
گل جي پار ڪان نه ايندو پکي

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

راهون نہ نہار جان نہ ايندا سين
اسان کي نہ سارجان نہ ايندا سين

سڀ چنيون چاهت پريون ڦاڙي ڇڏ
هاٺي خط نہ لکجان نہ ايندا سين

منهنجا فوٽو بہ ڇڏ ساڙي هاٺي
تصويرون نہ ڏسجان نہ ايندا سين

هميشہ لاءِ مون کي وساري ڇڏ
هاٺي لڙڪ نہ هارجان نہ ايندا سين

خبر نہ آ ڪهڙي منزل اسان جي
تون پڇائون نہ ڪجان نہ ايندا سين

وڃون پيا آسرا اميدون پلي سڀ
ملڻ جي آس نہ رکجان نہ ايندا سين

سڀ راهون بند هن "زاهده" جون
هاڻ نياپا نہ موڪلجان نہ ايندا سين

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪوڙ ڪٺي دل ۾ حسرتون آيس
اڇڻ سان بدمر وساري ڇڏيائون

پيرن هينان زمين نڪري وئي
ڏارين جيان ڌڪاري ڇڏيائون

مون نه ڄاتو ائين ٿيندو منهنجي
چاهت هوا ۾ اڏاري ڇڏيائون

ڪري قول هاڻي وساري وينا
جيون جدا هيءُ گهاري ڇڏيائون

ويون خوشيون ختم ٿي اسان لئه
جيئري "زاهده" کي ماري ڇڏيائون

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪوڙ دنيا ۾ موون آهن ماڻهو ڏنا
پر تو جهڙا تہ پرين نہ آهن مڻا

ڇا ٻڌايان حالِ دل توکي مڻا
چاهت ۾ گهاءَ موون ڪيڏا سٺا

ڪري ياد توکي نيڻ ائين وسن
جيئن هن ساونڻ ۾ مينهن وٺا

کهڙي ڪل گهٽا ڏينهن آ هيءَ حياتي
اڄ تہ زندگيءَ جا ڏينهن گهاريون ڪٺا

نفرتون مٺايون ۽ چاهت وڌايون
محبتي ماڻهو ئي سڏباهن سٺا

رهڻ آ پوءِ اڄايو دنيا ۾ "زاهده" جو
جي هن ڪان هِن تو جهڙا ماڻهو رٺا

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گلابن ٽـڙڻ جـي منـد آئـي آ
گـڏجي کلـڻ جـي منـد آئـي آ

سنهڙي بوند وسي، ڪوئل ڪوڪي
پنهنجـي ملـڻ جـي منـد آئـي آ

اداس نـہ ٿـي هـاڻي هينئـڙا
پيـار ڪـرڻ جـي منـد آئـي آ

رسـوا ڪـري ڇـڏ ڳوڙهـن کـي
هـاڻي مرڪـڻ جـي منـد آئـي آ

اڃـي هـو ملنـدا، حجـاب لهنـدا
هٿ هٿ ۾ جهلڻ جي منـد آئـي آ

قـرب واريـون ڪريـون ڪچهريـون
زاهده ڪجهہ چوڻ جي منـد آئـي آ

زاهده گل سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهڪ جوڳي

پورو نالو: عزيزه جوڳي

والد جو نالو: مبارڪ علي جوڳي

سالگره ڏڻ: 5 اپريل

جنم هنڌ: ننڍي نري

تعليم: مئٽرڪ

روزگار/ ڪرت: ڪوبہ نہ

ونڊر: شعرو شاعري ڪرڻ، سنا رسالا پڙهڻ، غريبن جي مدد ڪرڻ، ٽي وي ڏسڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: قرآن پاڪ پسنديده صنف: غزل

پسنديده ليکڪ: امر جليل

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1997ع کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (10) ڪالم (15)

شاعري: غزل (150) گيت (40) وايون (50) چوسٽا (150)

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبہ نہ

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

موٽــي آئــي وري بيهــر موســم بهــار،
تــون نـــ اجــان تــائين ورئيــن يـــار.

هرڪوئــي خوشــيون هــٿ ملهــائي پيــو،
پـر مونکي پـاڳل ڪيـو تنهنجـي انتظـار.

ڪـي ئـي منــدون آيــون ۽ موٽيــون،
پرڪانـ لـڌي منهنجـي ڪـا تـو سـار.

ڇـوڏاري ٽڙنـدا گـلاب جـا گلــڙا ڏســي،
نئيــن ســر يــادون ايــري آيــون هــزار.

بيوفـائي ڪـرڻ "مهـڪ" دسـتور آ دنيـا جـو،
تـون ڇوٽـي ڪنهـن کـي ايـڏي ڏيـن ميـار.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجي ڏکڙن کي هميشہ لئہ پنهنجي سايي ۾ لڪائين ها.
ڪاش تون بادل بڻجي مونتي ڇانوَ تي رهين ها.

مونسان اهي گذاريل سڀ گهڙيون سڀ خوشيون هرپل،
منهنجي ساهن جي نالي تي لکي ڇڏين ها.

دنيا جا غم ۽ صدما سنا مون گهڻا آهن مگر،
مونکي غمن ۾ ڏسي ڇڏي نہ تون ڏين ها.

هن پوري دنيا کي ڇڏي ڏنو تولاءِ مون پر،
پيار پرين جذبن جو تون ڪجهہ تہ احساس ڪرين ها.

هن گلاب جي گلن وانگر ”مهڪ“ منهنجي ويران،
زندگيءَ ۾ سرهاڻ تي خوشبو وکرين ها.

مهڪ جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيڏو حسين آهي سفر هي محبتن جو،
تون چوٽو ڪرين خون پين جي حسرتن جو.

پاڻ ٻئي گڏ آهيون زماني کي چا ڪبو،
اهو تہ هميشہ کان ئي آ ويري چاهتن جو.

اسان ٻہ هن تي ساٿي رکيو آ پروسو،
ڪڏهن تہ خاتمو ٿيندو دنيا مان نفرتن جو.

نندون نہ ئي سهي اکين کي اوجاڳا سهي،
ڪوتہ صلو مليو اسانکي اسانجي عنايتن جو.

شال او "مهڪ" ائين ئي هلندو رهي پنهنجو،
هر ڪنهن ساڻ سلسلو پنهنجي قربتن جو.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سهڻل سائين رسڻ تنهنجي مونکي ماري ڇڏيو،
بي سبب خفا رهڻ تنهنجي مونکي ماري ڇڏيو.

ڪونہ سوچيو مون تون ائين ڇڏي وينديں،
انهيءَ ڳالهہ سڄڻ تنهنجي مونکي ماري ڇڏيو.

ڪيڏو ناز ڪندي هيس مان توتي بيوفا،
اڄ بي رخيءَ مان ملڻ تنهنجي مونکي ماري ڇڏيو.

ڪهڙو ۽ ڪيئن پلا هاڻي جڳ ۾ ”مهڪ“ جيئندي،
اوچتو بدلجي وڃڻ تنهنجي مونکي ماري ڇڏيو.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مون لاءِ لڙڪ وهائي ڇا تون ڪندي مٺا،
مونکي ائين پرچائي ڇا تون ڪندي مٺا.

اسان تہ آهيون ئي ازل کان بد نصيب رهيا،
گهڙيءَ پل لاءِ کلائي ڇا تون ڪندي مٺا.

جيڪي لڳا هيا الزام لڳا تنهنجي ڪري،
هاڻ لوڪ کي سمجهائي ڇا تون ڪندي مٺا.

صدين جو سات وئين ٽوڙي تون پل ۾،
پنهنجي دل تان ڀلائي ڇا تون ڪندي مٺا.

ڏئي ”مهڪ“ جي اکڙين کي هميشہ لاءِ اوجاڳا
پنهنجن پراون کي رلائي ڇا تون ڪندي مٺا.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سڀ اجايون هن ڳالهيون دلدار،
پنهنجي زندگيءَ ۾ ناهي ڪائي بهار.

اسان ته سڀ ڪجهه پنهنجو توکي ارپيو،
تون نئين سر نوان ڪندو رهين تو وار.

ساهه سوليءَ تي لٽڪندو رهيو هرپل،
پوءِ به نه ڪڏهن ڪئي سين توسان شڪوه يار.

نه جيئڻ جي حسرت نه ڪي ملڻ جي اميد،
ڇو جيئري ڪري ڇڏيو تو مونکي ڌار.

زندگيءَ ۾ توکي اگر ياد اچان پرين،
لکي خطڙو لهجانءِ ضرور اسانجي سار.

بسنت رت ۾ به "مهڪ" اڪيلائي رهياسين،
ڪجهه نه ڏنو اسانکي انتظار ڪانسواءِ بيار.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هاڻي نہ هرگز ڪنهن جي پويان رلبو،
ڏئي ٺهڪ وڏا وڏا ڏاڍو کلبو.

ڪيڏو بہ دل کي زخم گهرو چونہ رسي،
ڪنهن بئي سان ڪين سور سلبو.

هن کان ڪافي آ سزا ملي مونکي،
بار بار ائين هن ڏي نہ خط لکبو.

پنهنجن پراون جي زيادتن کي وساري،
هر ڪنهن سان خوش خوش ٿي ملبو.

ڪڏهن نہ ”مهڪ“ هن سان ڪا شڪايت ڪبي،
هن جو هر ستم شوق سان ڪٺي سهبو.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ايڏو ڏور ڇو ڪنارو آ،
رڻ مونکان هر سهارو آ.

درد ڏنا جنهن هر گهڙيءَ آهن،
مونکي ماڻهو سو پوءِ به پيارو آ.

جنهن نه اچي "هو" خوابن ۾،
لڳندو بي رنگ هر نظارو آ.

ڇڏيندئي وساري پل ۾ توکي،
بي وفا زمانو هي سارو آ.

دغا جي بدلي جو وفا تو ڪري،
شخص هو سين ڪان نيارو آ.

ڪنهن کي پئي هت تون "مهڪ" ڳولين،
دل جو اڪثر هر ڪو ڪارو آ.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تنهنجو چهرو نيڻن ۾ سمائي هليا ويندا سين،
گهڙي پل لاءِ پاڻ کي بهلائي هليا ويندا سين.

درد، پيڙا پنهنجي سيني اندر لڪائڻ لاءِ،
محفل تنهنجي کي پيارا ڪلائي هليا ويندا سين.

اوهان کان غم مليا، ڪو غم ناهي اسين مگر،
تولاءِ هر هنڌ گلڙا وڇائي هليا ويندا سين.

ڪيڏا اسان تي ڪيا پنهنجن پراون ستم پوءِ بہ،
هر ڪنهن جوڏک ۽ سور پلائي هليا ويندا سين.

ضروري تہ ناهي"مهڪ"محبت بدلي محبت ئي ملي،
پنهنجي دل کي اهوئي سمجهائي هليا ويندا سين.

مهڪ جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گهليون ڏکڙ جون هي هوائون جاني،
ياد اوهان جون پيون جفائون جاني.

موسم وانگي تو هتي هرڪو بدلجي،
ڪنهن ۾ ڪونہ آهن اهي وفائون جاني.

ساڳيون واپس آيون موٽي مگر سهڻا،
پهتيون نہ تو وٽ دل جون صدائون جاني.

هر ايندڙ ويندڙ مسافر کان اوهان جون،
تڪي دل ڪري روز پڇائون جاني.

جدائيءَ ۾ رات ڏينهن لڙڪ وهن ڳلن تان،
ڇو ڪيون اوهان اهڙيون دغائون جاني.

سور ۽ صدما ڏئي وئين "مهڪ" کي ڪيڏا،
پوءِ بہ تولئہ هن ڇپن تي هردم دعائون جاني.

مهڪ جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زرينه امداد سومرو

پورو نالو: زرينه سومرو (گوري)

والد جو نالو: امداد حسين سومرو

سالگره ڏڻ: 4 فيبروري

جنم هنڌ: شهدادڪوٽ

تعليم: پرائيوٽ مڊل

روزگار/ ڪرت: اسان گهر ۾ رهندڙن جو روزگار صرف سئي سڳوئي آهي.

وندر: قلم ۽ سئي جڏهن گڏ گڏ هجن ته ٻي ڪهڙي وندر ڳوليون سواءِ ڪتاب جي

اوهان جو پسنديده ڪتاب: درياءُ جي مستي پسنديده صنف: غزل ۽ نثري نظم

پسنديده ليکڪ: مسڪين ملاح

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1999ع کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: زاهده ناز چنه ۽ هالار ۾ شايع هر تحرير ۽ عاشق شمس سومرو جنهن مونکي لکڻ سيکاريو.

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (15) مضمون ڪجھ ڪالم (2) ڊائري ڪجھ

شاعري: غزل (111) گيت (4) وايون (25) نظم (7) آزاد نظم: (8) چوسٽا (85)

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبه نه

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: شاعريءَ جو هڪ ڪتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

منهنجي بيوسيءَ تي قسمت
اڄ آخر ڇو کلندي روئي پئي

روئڻ جو جڏهن سبب پڇيو ماڻس
خاموشي ۾ ٿهڪ وکيريندي روئي پئي

بين کي سمجهائڻ واري هستي
پاڻ نه سمجهندي روئي پئي

عجيب آ قسمت جو کلهه بين تي کلندي هئي
اڄ پنهنجي حالت تي کلندي روئي پئي

هرجڏ بي کان عاري ٿي هوءَ
رشتو پيار جو جوڙيندي روئي پئي

هڪ خوشيءَ لاءِ سيئي سپنا پنهنجا
پنهنجي هٿن سان ٽوڙيندي روئي پئي

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

نيري ساگر جو ڪنارو هجي
توکي منهنجو مونکي تنهنجو سهارو هجي

شام جي ويلي ۾ پوءِ منظر
لهندڙ سج جو پيارو هجي

تنهنجو هجي سات رڳو پوءِ
پلي ڪاوڙيل لوڪ هي سارو هجي

تون رهين گڏ جنهن ۾ پلي پوءِ
اهو گهر ڪچي مٽيءَ وارو هجي

نهي وينداآهن گهر ٻه سمنڊ ڪناري
جڏهن ڪوئي دل وارو هجي

ويندا سين گڏ سمنڊ تي ڪيڏو ٻه
پلي چو نه سيءُ ۽ پارو هجي

هٿن ۾ هٿ هجي هڪٻئي جو ۽
سامهون دلڪش ڪو نظارو هجي

زرينه تنها ٻه جڏي ويندي
بس تنهنجو رڳو آئٽ پريو سهارو هجي

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

خود ڪشي ڪائنرن جو ڪم اٿئي پرين
منهنجي ياد ۾ پاڻ ڪي بي موت ماري نہ ڇڏجاءِ

منهنجي خاطر او سڄڻ سائين
زندگي تنها گذاري نہ ڇڏجاءِ

ٽوٽي وڃ ۾ ڪو رشتو نہ رهي
پوءِ بہ اوپري نظر سان نهاري نہ ڇڏجاءِ

اي سڄڻ هاڻي پنهنجي نظرن سان
وري ڪنهن کي آزاري نہ ڇڏجاءِ

عجيب نشو آ تنهنجي نيڻن ۾
هاڻي ڪنهن ٻئي کي پياري نہ ڇڏجاءِ

هاڻي موڪلائي ناهي، اٿين چوندي
تون پنهنجا لڙڪ هاري نہ ڇڏجاءِ

ايندا آهن لاها چاڙها جيون ۾
تون پوءِ زرينہ کي پڪاري نہ ڇڏجاءِ

زرينہ امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جواب اکين ۾ سجائي ويني ڪا ناري
زماني کان اڻڄاڻ پاڻ لٽائي ويني ڪا ناري

خواب ڏسندي هئي اجايا اوچا اوچا
اڄ پستين ۾ منهن لڪائي ويني ڪا ناري

انساني حقن جي علمبردارن هٿان پي
پنهنجا حقوق ڪسائي ويني ڪا ناري

خواب نه ٿيا جڏهن سندس پورا
ارمان سولي تي لٽڪائي ويني ڪا ناري

پوڙهي سان پرڻجڻ کان انڪاري ڪري
پاڻ ئي مارائي ويني ڪا ناري

رات جي انڌيهري ۾
روئي منهن لڪائي ويني ڪا ناري

نفرتن جي وچ ۾ رهي "زرينه"
پنهنجي مذاق اڏارائي ويني ڪا ناري

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تنهنجي ميندي نچائيندي ڏاڍو مزو آيو
سپنن جي سيج سجائيندي ڏاڍو مزو آيو

تنهنجي پيار ۾ اومنهنجا پرين!!
پاڻ کي پلائيندي ڏاڍو مزو آيو

پرواني کي جلندي ڏٺو هيم
پر اڄ پاڻ کي جلائيندي ڏاڍو مزو آيو

ماڻهن جي سامهون زرينه
توکي چيڙائيندي ڏاڍو مزو آيو

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

توهان پاڻ ئي هو ڏڪاريو هن راهن تان
هاڻ ملي آ منزل پوءِ ڇوڻا گهرايو هن راهن تان

مون ڪيڏا ڪيا ايلاڙ توهان ڪي هٿا
ڪيڏو هو مون پڪاريو هن راهن تان

منهنجي منٿن کي منهنجي مجبوري سمجهي توهان
ڪيئن بيدرديءَ سان هو ڏڪاريو هن راهن تان

پنهنجي جيون جو همسفر بڻائي هن کي توهان
منهنجي خوابن کي ڇڪناچور ڪرايو هن راهن تان

هاڻي واپس ناهي اچڻي زرينه ڪڏهين
هر هر توهان هاڻي نه نهاريو هن راهن تان

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

روئڻ کلڻ هوندو آ مقدر ۾
اهو سمجهائيندي روئي پئين!

مونکي منع ڪيئي روئڻ ڪان پر
پاڻ اهو سڀ ڀلائيندي روئي پئين

زمانو کلائيندو هئين بين تي پر چو
اڄ پاڻ تي زمانو کلائيندي روئي پئي

غم ۽ خوشي جي ڪشمڪش ۾ تون
پنهنجا لڙڪ لڪائيندي روئي پئين

ڪڏهن ڪڏهن ملندو آ پيار
اهو ٻڌائيندي ٻي روئي پئين

زرينه قسمت پرديس ٻه نيندي آ
اڪيلي ۾ پاڻ سان ڳالهائيندي روئي پئين

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مونکي روئاري ٿي تنهنجي ياد
هر پل تڙپائي ٿي تنهنجي ياد

مان نه ٿي رهڻ چاهيان تنهنجي يادن ۾
پر مونکي هر هر پڪاري ٿي تنهنجي ياد

الاءِ ته ڪڏهن ايندي توکي منهنجي ياد
مونکي ته ڏاڍو رلائي ٿي تنهنجي ياد

هاڻي ته تنهائي به ڏيندي آهي مزو
جو ان ۾ تنهنجو چهرو ڏيکاري ٿي تنهنجي ياد

تنهنجو پرڪشش چهرو ته سپنن ۾ به
ڏيکاري مونکي جيئاري ٿي تنهنجي ياد

ڪيڏو چاهيان ٿي توکان پري رهان
پر زرينه ان تصور ۾ به ماري ٿي تنهنجي ياد

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تنهنجو روز ڏسڻ ماري ڇڏيندو
ڪاوڙ جي منهن ڦيرڻ ماري ڇڏيندو

هن حالت ۾ ٻه او منهنجا سائين!!
تنهنجو ائين نه اچڻ ماري ڇڏيندو

بيمارِيءَ ۾ توکان هڪڙي مرڪ گهران ٿي
تنهنجو مرڪي نه ملڻ ماري ڇڏيندو

نه ڏڪاريندو ڪر ائين زرينه کي
تنهنجو روز ڏڪارڻ ماري ڇڏيندو

زرينه امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هـــي آخـــر ڪهـــڙا آهـــن مـــاڻهو
هر پيري ڪن تا ڳالهيون جدا جدا

جـڏهن نـــ تـــي اچيـــنِ ڪـــرڻ وفـــا
پـــوءِ چوتـــا ڪـــن ڪـــوڙا وعـــدا

پهريـــن چونـــدا تنهنجـــا آهيـــون
پـــوءِ هزاريـــن بهانـــا ڪنـــدا

ڪـــم اچـــڻ جـــو ڪـــري واعـــدو
پـــوءِ چونـــدا نـــاهيون اچ وانـــدا

مچـــن ڪٿـــي هـــاڻي هـــو بـــ تـــ
نـــاهن پنهنجـــي زبـــان ســـان ســـچا

منزل تـي پهچـائڻ جـو ڪـري عهـد
آهـن اڌ مـــنزل تـــي ســـاٿ ڇـڏيندا

زرينہ امداد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

پورو نالو: پاڪيزه ميتلو

سالگره ڏڻ: 01 جنوري

جنم هنڌ: ڳوٺ علي سائين آباد احمد پور- ضلعو خيرپور

تعليم: ايم. بي. بي. ايس فرسٽ ڪلاس

روزگار/ ڪرت: هائوس سرجن

وندر: ميوزڪ ٻڌڻ لکڻ، پسند جا ڪتاب پڙهڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: قرآن پاڪ ۽ شاهه جو رسالو **پسنديده صنف:** غزل نظم ۽ وائي

پسنديده ليکڪ: امر جليل، نورالهدي شاهه، جيجل ميتلو

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: جڏهن ستين ڪلاس ۾ پڙهندي هيس

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: پنهنجي طبعت جي حساس پڻي کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (30) مضمون (10) ڪالم (4)

شاعري: غزل (60) وايون (15) نظم (15) چوسٽا (20)

ٻيون: ڪجهه انگلش ۾ به نظم آهن- (10 ڪن)

شايع ٿيل ڪتاب: ڪوبه نه

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

خوشبوءَ جو ويس پهري رابيل روپڌاري
هو ڪيئن اچي ويو آ منهنجي اڱڻ اوتاري

راتين ۾ روشني ٿي، چانڊوڪي چنڊ بنجي
دل جي اڱڻ ۾ ڪوئي ڏيئو ويو آ ٻاري

ننڊ ۾، خواب ۾، جاڳ ۾، تعبيرن ۾
چارئي پهر اندر انڪي ئي ٿو پچاري

هن ڪان پري نہ هاڻي خوشبو قرار ايندو
هن کي هاڻ هميشہ هر هر ٿو ساهہ ساري

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

رات ڪاري وار خوشبوءِ ۾ ڀنل آهن
انتظار جي ماريءَ جا، هٿ مينديءَ رتل آهن

سايا جا سڪايل ۽ ديدن جا بڪايل
نيڻ سندر سپني جي آس ۾ ستل آهن

گهٽي گهمي آهي رڻ پٽ رلي آ،
پوءِ به نه ٿڪي آ ڪيڏا سوچ سفر ڪيل آهن

رات جي پوئين پهر، درد سندي سحر ۾
ضبط ٽٽي پيا هن جا نيڻ وهيل آهن

بادشاهن کان وٺي گداگرن تائين
خوشبو! انسان دولت هٿان وڪاڻل آهن

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گلاب پتي پتي ٿي وکري ويا آهن
درد نوان ڄڻ دل ۾ اسري ويا آهن

بهار رت ۾ ڪومايل ڏسي مکڙيون
پوپٽ ٻه اداس ٿي اڏري ويا آهن

ظالم شڪاريءَ جي وار ڪاپاريءَ سان
ولر ڪونجن جا ڪئين وڇڙي ويا آهن

ريتن رسمن جي ڄارن ۾ او سائين!
پيار وارن جا خواب الجهي ويا آهن

ڊلڙو ٿي ويو آ جيون جوهي چلڙو
اميدن آشائن جا پاڇا لڙي ويا آهن

دل جي ٿڻل شيشي متان
عڪس محبتن جا متجي ويا آهن

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بوند بوند تي برسن ٿيون اکيون
ڪيڏا سور سهن ٿيون اکيون

غيرت آڙ ۾ قتل ٿيل جذبا ڏسي
نسورو درد پوڳن ٿيون اکيون

محبتن جا محل ڪنهن مسمار ڪيا
سوال سوين هي پڇن ٿيون اکيون

ساري رات رني آ ڪونه ستي آهي
تنهنجو داستان ٻڌائن ٿيون اکيون

زبان خاموش چَپ چُپ آهن
پر سور سمورا سلن ٿيون اکيون

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ابهم ٻار جو ائين پيو لاش لهرن منجهہ لڙهندو رهيو
انسانيت جي اهڙي موت تي آڪاش بہ روئيندو رهيو

رڳــو ڪــوڙ هلــي ٿــو هــن ڪــوڙي دنيــا ۾
بلاول ڪان وٺي منصور تائين سچ سوليءَ چڙهندو رهيو

پيئرن هٿڙان ڏيءُ وڪاڻي ڍورن جيـان جڏهن تـڏهن
سچن رشتن ۾ سـلهاڙيل ڪـوڙ هـي بکنـدو رهيـو

مصنوعـي معاشـري ۾ حسـاس دليـن ڪـي سـائين
زمـانو پـاڳل ۽ بدحـواس ٿينـدي ڏسـندو رهيـو

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گلڙن جي عيوض هوءَ ڪندا ميڙي پئي
محبتون پائي من ۾ درد پرائي پئي

لڪائي لڙڪ اکين ۾ مرڪي تي جيڪا
ڏينهن سوچن، رات سڏڪن ۾ گذاري پئي

وفائن بدلي مليون اتس جفائون ڪيئي
پوءِ بہ ناتو نيهن جو تي هوءَ نيائي پئي

هوائن جي شهر ۾ آنڌين جي گهر رهي،
ڏيئا پيار جا هوءَ تي ٻاري پئي

پل پل پيڙا ۾ گهڙيءَ گهڙيءَ گهاءَ تس
سور سمورا مرڪي سهسائي پئي

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

چنڊ کان نہ پڇ ستارن کان پڇ
وفا ڇا پيار ڇا؟ محبت وارن کان پڇ

سڙي جي خاڪ ٿيا انهيءَ آتش ۾
عشق جو احوال پروانن کان پڇ

پڇو ٿا اوهان ڪي ياد ڪيو يا نہ
اسان کان نہ، دل جي تانگهہ تنوارن کان پڇ

ڪيترو تڙپي تو کو جدائين تي
پٿيل گل کان نہ، گل جي صدائن کان پڇ

نينهن ڪيئن نڀائجي توڙ نڀائجي
دانائن کان نہ، ديوانن کان پڇ

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پيار چاهت آ حياتي پنهنجي!
گل آ يا خوشبو، زندگي اسانجي

تمنا گلن جي هر من کي مگر
مشهور ڪندن سان دوستي اسانجي

ناهي طلب دولت جي نه اميريءَ جي
دنيا چوي ٿي انکي ديوانگي اسانجي

جڳنو ڇا؟ چنڊ ڇا؟ ڪونهي پرواه
ياد هن جي آ اکين ۾ روشني اسانجي

اميدن کي ڇٿو ٻي جاءِ وڃن
ڪونهي خالي دل نگري اسانجي

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

حال دل جو اورڻ پئي گهريائين
بار دل جو گهٽائڻ پئي گهريائين

خواهش ايڏي وڏي ته نه هيس
بس گهڙي کن مسڪرائڻ پئي گهريائين

ڪهڙو ڪيائين پئي گناهه جي
پنهنجي مرضي ٻڌائڻ پئي گهريائين

ماٺهن ڪيڏا ميڙڪيا هئا ان ويل
جڏهن محبوب محفل ۾ سڏائڻ گهريائين

سڪ جو سڏ نه ڏنو هن ڪي ڪنهن
سور سيني جا سيني لائڻ پئي گهريائين

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گل آ يا خوشبو، زندگي اسانجي
پيار آ پوڄا آ، بندگي اسانجي

تمنا گلڙن جي هر من تي مگر
مشهور ڪندڙ سان دوستي اسانجي

اميدن ڪي چئو ٻيءَ جاءِ وڃن
ڪونهي خالي دل نگري اسانجي

جگنو ڇا، چنڊ ڇا؟ ڪونهي پرواه
ياد هن جي اکين ۾ روشني اسانجي

ناهي طلب دولت جي نہ اميريءَ جي
دنيا چوي انکي ديوانگي اسانجي

ڊاڪٽر پاڪيزه خوشبو ميتلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوسن گل بلوچ

پورو نالو: سوسن گل بلوچ

والد جو نالو: دين محمد بلوچ

سالگره ڏڻ: 22 آگسٽ

جنم هنڌ: اوباوڙو

تعليم: بي.ايس. سي

روزگار/ ڪرت: پرائيويٽ اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس

وندر: شاعري ڪرڻ ۽ پڙهڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: محبتين جب شمار ڪرنا پسنديده صنف: غزل ۽ وائي

پسنديده ليکڪ: طارق ابڙو

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1992 کان ڪنهن کان متاثر ٿي

لکيو: محبت کان - عشق کان

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (5) مضمون (10) ڊائري (100) پيون خيالات وغيره

شاعري: غزل (100) گيت (10) وايون (30) نظم (8) چوسٽا (30)

پيون: ليٽر لکيا آهن - هزارن ۾

شايع ٿيل ڪتاب:

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪوبہ نہ

ڪتاب جو نالو	صنف
(1) اجان سوچيو ناهي	شاعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪوئي لفظ معتبر ناهي مليو، جو توتي گيت لکان،
مان آهيان تنهنجي داسي، ڪيئن توکي ميت لکان.

مان توکي ڪٿي به نہ اپنائي سگهي آهيان،
ان ڪرب کي ڪيئن مان پنهنجي جيت لکان.

هر دل جي درد جو در مقفل ڪري ڇڏيان،
دل ڪري ٿي اهڙي، محبت جي ريت لکان.

دنيا جي سين نفرتن کي مٽائي دلين مان،
مان چاهيان ٿي صرف، پريت پريت لکان.

سيني سهارن کي، پلي کسي وٺو مون کان،
ڏيو اها اجازت، هنڪي پنهنجي نالي جي قريب لکان.

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

زندگـــيءَ ۾ هـــر خوشـــي ملنـــدي نـــاهي
خوشـــيءَ ۾ دل جـــي، هـــر ڪلـــي ڪلنـــدي نـــاهي

محبتـــون آهـــن چـــوطـــرف منهنجـــي هـــر گهـــڙيءَ
تنهنجـــي نفـــرت بنـــا بـــ، اســـان جـــي ســـرندي نـــاهي

اگـــر زندگـــي گذرنـــدڙ هـــڪ ســـفر آ تـــہ پـــوءِ
ســـوچ زندگـــيءَ جـــي ڇـــو تـــوڪـــان اڳتـــي ڇرنـــدي نـــاهي

ايتـــري نفـــرت ڇـــو آ، هـــيءُ جيـــون اي خـــدا!
ڇـــو هـــوا محبتـــن جـــي، زمـــاني تـــي گهلنـــدي نـــاهي

ســـڪ ڪيتـــرا بـــہ هجـــن زندگـــيءَ ۾ "ســـوســـن"
ڏڪـــن بنـــا زندگـــي، ڪنهـــن جـــي هلنـــدي نـــاهي.

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تو هر پيري چيو "پنهنجو"، اعتبار ايندو ويو
ڪڏهن رسيس، ڪڏهن پرچايئه، پيار ايندو ويو

اهڙو درد اٿيو دل ۾، ٿياسين اسين لاڏوا
تو مسڪرائي ڏنو بس، قرار ايندو ويو

تون آئين بزم ۾، ڀهڪي اٿي محفل دل
نه ته ڦريون توڪان، جو آيو بيڪار ايندو ويو

گڏ رهيو اسان سان ته، هر الزام سنوسين
وچڙيو ته هنجو نالو سر بازار ايندو ويو

بي انداز خوشي ملي، ڪڏهن غم انتها "سوسن"
ائين ئي هوريان هوريان، محبت ۾ نکار ايندو ويو

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

وري رات آئـــي، وســـيو اک مـــان پـــاڻي آ
ائيـــن روز دل ۾، تنهنجـــي يـــاد روانـــي آ

اسـان کـان هـن شـهر ۾ رهـڻ جـو واعـدو ونـي
الائـي ڇـو تـو کئـي هيئـن نقـل مکـاني آ

اکثـر دل پرجـي آئـي، اکيـن مينهـن وسـايو
جـڏهن بـه يـاد ايندي، کـائي پراڻـي آ

دل ۾ زندگـي تـه ونـي هـنِ هـُـو هليـا ويـا
ڏيئـي ويـا بـس هـک يـاد، اهـائي هـن نشـاني آ

مـاڻهو پنهنجـا ڏک سـک پلجـي ويـنا آهـن
هـر هـک زبـان تـي "سوسـن" تنهنجـي کهـاڻي آ

سوسن گـُل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيئن وڻي آواز، ڪنهن سر سنگيت جو،
ٻڌڻ جو چاهيان ٿي، گيت تنهنجي پريت جو.

منهنجي دل جي خواهش ٿي پئي آ روشن،
ناهي دنيا ۾ ڪو قسر، اهڙو ديپ جو.

توهان ٿي نه چاهيو، ڪرڻ مونکي پنهنجو
ڪيئين ٿا چئو، سمورو آ قصور ريت جو.

دنيا ڪي سمجهائي سگهي، جيڪو پنهنجو تعلق
شعر ٻڌاءِ "سوسن" ڪي اهڙي ڪنهن گيت جو.

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تو جو نہ ڪئي مقرر، حد انتظار جي،
پل آخري تائين رهي آرزو، تنهنجي پيار جي.

ڇئو تا هو بي وفا آ، مان ڪيئن يقين ڪيان؟
ڪيئن توهان کي سمجهايان، معنيٰ اعتبار جي.

اي دوست! ڪيئن ٿيان پلا آءُ مطمئن،
تو تہ ڪئي هميشہ ڳالهہ، انڪار ۾ اقرار جي.

”سوسن“ جي زندگي بہ گذري ڪجهہ اهڙيءَ طرح،
خوشين ۾ بہ نہ ملي، ڪا گهڙي قرار جي.

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اسان جي ڪلڻ يا روئڻ ۾، جيڪا صدا آهي،
ڪو ڀلي نہ سمجهي مگر، اها تولئہ دعا آهي.

ڏکن جون ڀلي هوائون هلن ڪيتريون،
سات تنهنجو هجي تہ، خوشگوار فضا آهي.

توهان جي قدمن ۾ نہ گذري آ زندگي،
اسان جي دل ۾، بس اهو ڏک سدا آهي.

توهان لاءِ ڀلي عام ماڻهو هجي هو مگر،
"سوسن" جهڙي داسيءَ لئہ، هو ديوتا آهي.

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪي خواب، اکين ۾ پنڪيل آهن،
ڪي اميدون، اجان اڻپوريون آهن.

مڃان ٿي تہ محبتون پياريون آهن مگر،
بس ڪجهہ اسان سان مجبوريون آهن.

تون ٿڪجي نہ پئجان، سات ۾ ساٿي،
بي وفائيون ناهن، ڪجهہ دوريون آهن.

ڪري ڪاٿو اسان وڃائجي ٿا وڃون،
اهي گهڙيون جي، توبن نہ پوريون.

هيلو اڄ تون ”سوسن“ وٽ او سائين،
تو سوا، سڀ تمنائون اڌوريون آهن.

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

دل جـــي كـــاغذ تـــان مٿـــائي وينيـــن،
سمجهـــي کهـــاٽي، مـــون کـــي پلاٽـــي وينيـــن.

زندگـــي نـــالي لکـــي ڏنـــي ســين توکـــي مـــگر،
غيـــر کـــي تـــون پنهنجـــو، ٻڻـــائي وينيـــن.

کـــري واعـــدا اســـان ســـاڻ ســـائين،
کيئـــن تـــون بيـــن ســـان نيـــائي وينيـــن.

اســـان جلياســـين شمـــع جيـــان تولئـــه مـــگر،
رقيبـــن جـــي بـــزم تـــون ســـجائي وينيـــن.

هـــر ڏک ســـک توســـان ســـليو هـــو اســـان،
ســـالن جـــي چـــاهت، پـــل ۾ وســـاري وينيـــن.

اهـــو بـــه چـــڏي هليـــو ويـــو "سوســـن"
جنهـــن لئـــه تـــون هســـتي، پنهنجـــي وجـــائي وينيـــن.

سوسن گـل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

حياتيءَ ۾ باقي ڪي خواب آهن،
اکين ۾ ٻه اوجاڳن جا عذاب آهن.

زندگي رولي به نه حاصل ڪياسون،
تنهنجن سوالن جا ڏکيا جواب آهن.

محبت جي بدلي ۾ خاموش رهيا،
خبرناهي نفرت يا حجاب آهن.

پنهنجي محبت جو سڪون بخش مونکي،
هونئن ته سائين درد بي حساب آهن.

من نگر ۾ روشني ناهي رهي "سوسن"،
هو ئي ته منهنجي زندگيءَ جا آفتاب آهن.

سوسن گل بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهيد خان

پورو نالو: ناهيد اختر جانوري

والد جو نالو: علي حسن

سالگره ڏڻ: 7 آگسٽ 1979

جنم هنڌ: ميهڙ

تعليم: بي ايس سي

روزگار/ ڪرت: ٽيچر

وندر: شاعري ڪرڻ، پڙهڻ

اوهان جو پسنديده ڪتاب: اهي ڏينهن اهي شينهن پسنديده صنف: شاعري

پسنديده ليکڪ: شيخ اياز

لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي: 1989 کان

ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو: پنهنجي شوق مونکي لکرايو.

ڪهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪيتري تعداد ۾ لکيون آهن:

نثر: ڪهاڻيون (5) ڪالم (2) ڊائري هرسال جي

شاعري: غزل بي شمار وايون (5) نظم (ڪرڙ) چوسٽا ٽي چار

ٻيون: ڪجهه آزاد نظم

شايع ٿيل ڪتاب: ڪو به نه

اشاعت جي انتظار ۾ تيار ڪتاب: ڪو به نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هر روز اسان کان پيارا وڇڙيا،
ماڻهو محبت وارا وڇڙيا.

روشني ڏئي اسانکي پنهنجي
آهن چنڊ ستارا وڇڙيا.

لڙڪ لڙڪ ٿي جيون ويو آ،
خوشين جا رنگ سارا وڇڙيا.

زندگي بس وڇوڙو ٿي آ،
جيون سڀ سهارا وڇڙيا.

هڪڙو تون ئي ناهين دوست،
هر روز هتي توپارا وڇڙيا.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بيوس تہ اسان پر تقدير بہ بيوس،
مون وانگي منهنجي تحرير بہ بيوس.

نہ تون مون تاءِ پهتين نہ آءٌ ئي توتائين،
آهي اسان جي اکير بہ بيوس.

حال ٻڌائي ڪو نہ سگهي ٿي،
تنهنجي هيءَ تصوير بہ بيوس.

تنهنجي منهنجي خوابن جي،
ساٿي چو تعبير بہ بيوس.

تنهنجي نانءَ نہ لکي سگهياسين،
رهجي وئي تحرير بہ بيوس.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

گذري پئي ۽ گذري وئي آ زندگي،
هئي ڪو پکي اڏري وئي آ زندگي.

ياد جا لمحا رهيا نہ قربتون،
وقت جيان وسري وئي آ زندگي.

وار ڪارن مان ڦري چاندي بڻيا،
ها هتن مان نڪري وئي آ زندگي.

پر ڏکيا لمحا اڃان آهن رهيل،
۽ ڪجهہ مڙئي گذري وئي آ زندگي.

پن ڇڻ موسم جيان ٻڌجي،
ڇا ڪجي وکري وئي آ زندگي.

پل پل ڇڻ بڻي آ جنهن ۾،
هر لمحي پڇري وئي آ زندگي.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

نہ چنڊ بدليو نہ ستارا بدليا،
پر ماڻهو محبت وارا بدليا.

حقيقت جو زهر پي هتڙي،
خواب اسانجا سارا بدليا.

اسان بہ غوطا کائڻ لڳاسين،
جڏهين سمنڊ ڪنارا بدليا.

جي هئا ڪڏهن اسانجا پنهنجا،
سي ماڻهو ڪيئن موچارا بدليا؟

فاصلن محبت اجان وڌائي،
جڏهن جيءَ جيارا بدليا.

محبت انڌو ڪري ڇڏيو هو،
اک کلي تہ نظارا بدليا.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

فنا جي رستي تي زندگي سفر ۾ آ،
موت جو پاڇو هر هڪ نظر ۾ آ.

هيءَ رات ته دائمي آهي پر،
نگاهن جو مرڪز اجان سحر ۾ آ.

نه دعا تي ڪو فرق ڪري نه دوا،
ڪجهه ڪونه رهيو هن جي اثر ۾ آ.

هت ڪيئي اچن تا ۽ ڪيئي وڃن،
لهندو سج هر هڪ نگر ۾ آ.

روشنيءَ سان پيار آهي دنيا کي،
ڪيڏو انڌيرو ابدي گهر ۾ آ.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيڏا سندر خواب اکين جا،
بڻجي ويا عذاب اکين جا.

لڙڪ لڙڪ تي وهي ويا هن،
هاءِ هي سپ خواب اکين جا.

توئي نہ ڇاتو پيار اسانجو،
ڇو نہ وهن سيلاب اکين جا.

نصاب نہ هو، پڙهي ها ڪوئي،
هاءِ هي تہ ڪتاب اکين جا.

خواهشون رهجي ويون اڌوريون،
پڙهيا نہ تو حجاب اکين جا

اڄان تہ سزا ڏين ڪا شايد،
تنهنجا هي حساب اکين جا.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

عورت گھٽ ناهي توکان،
توکي اهو مڃائي ٿي.

ڏس ٻنيءَ ۾ٽون، هوءَ،
توسان گڏ هرڪاهي ٿي.

ناحق هن کي ڪاري چوين ٿو،
هوءَ تنهنجا عيب لڪائي ٿي.

ڏس وڃي اسڪول ڪنهن ٻ،
هوءَ تو وانگر پڙهائي ٿي.

مستقبل جي معمارن کي هوءَ،
انسان سٺو ٺاهي ٿي.

جاهل ناهي ڪاهل ناهي،
ڪمپيوٽر پڻ هلائي ٿي.

پنهنجي وجود سان ڪري اجالو،
ماحول سڄو مهڪائي ٿي.

مرڪ پکيڙي هر سو هوءَ،
ڳوڙها پاڻ وهائي ٿي.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

محبت جي انتها تي پهچي وياسين،
ملڻ کان اڳ ئي وڇڙي وياسين،

تنهنجون منهنجون راهون جداهيون،
رستي تان ئي ٿڪي وياسين.

ڪيئن لڙڪ لڪائي ضبط ڪري،
اوهان جي آڏو گذري وياسين.

تولاءِ ئي توکي ڇڏڻو پيو هو،
درد تنهنجي ۾ پڄري وياسين.

تنهنجي جدائيءَ کانپوءِ ساٿي،
ٽٽي پور ئي وکري وياسين.

ناهيد توکي ياد ڪري ٿي،
ليڪن توکان وسري وياسين.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

زندگي هار بڻجي وئي،
لڙڪن جي لار بڻجي وئي.

ڪيڏو وسارڻ چاهيو ليڪن،
جدائي سار بڻجي وئي.

مان گهري هميشه لاءِ پر،
خوشي اڌار بڻجي وئي،

جڏهن فاصلا سميٽيا ڪنهن،
خزان بهار بڻجي وئي،

اوهان جي وڇڙي وڃڻ سان،
پيڙا ڄمار بڻجي وئي.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سـيئي سـور سـلي ٿـي زندگـي،
ڪيـڏو نـه پـاڻ پلـي ٿـي زندگـي.

لهنـدڙ سـج جـو آخـري منظـر،
ڏسـي ڏاڍو ڪلـي ٿـي زندگـي.

تـون نـه وچ هـو تنهنجـو نـاهي،
ڪيئـن توکـي جهلـي ٿـي زندگـي.

تنهجـا خـواب بـه نيـٺ ٽٽـي پيـا،
ڪيـڏي اسـانجي ملـي ٿـي زندگـي.

يـادن جـي تيـز جهوٽـي ۾،
جهولـو بڻجـي گهلـي ٿـي زندگـي.

ناهيد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڃوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتاب پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com